ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا



لڇمڻ خوبچنداڻي

اِشاعت جو سنتيهون سال

Sahit ain Kala ji **RACHNA**
Editor : Lakhmi Khilani
Sub Editor : Mukesh Tilokani

ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا-١٤٥

ايڊيٽر : لکمي کلاڻي
سب ايڊيٽر : مڪيش تلوڪاڻي

Year-37 سال : ٣٧

في انڪ : ٥٠ رپيا

Price Rs. 50/=
Annual Subscription Rs. 200/=
Life Subscription Rs. 2000/=

Vol-145 اَنڪ : ١٤٥

(Jan - April 2015)
جنوري - اَپريل ٢٠١٥

ٻاهرين ملڪن لاءِ :
١٠٠ يو. ايس. ڊالر

پاران : اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
P.O.Box-10 Adipur (Kutch) 370205

Ph: (02836) 263851, E-mail : contact@sindhology.org Website www.sindhology.org

سلسلو

سنڌي ڪهاڻي - هڪ صدي سيمينار

ساهتيہ اڪاڊميءَ ۽ مهرشي ديانند سرسوتي وديالیہ جي سهڪار سان

۱۳ ۽ ۱۴ فيبروري ۲۰۱۵ - اَجمير



سنڌالاجيءَ جو ڊائريڪٽر لکمي کلاڻي - مهورتي تقرير پيش ڪندي



شري لکمي کلاڻيءَ کي گلدستو پيش ڪندي پروفيسر پارتي جئن

جي مکيہ منتري شري نريندر ڀائي ’چيٽي چنڊ‘ جون لک لک واڌايون ڏيندي چيو هو تہ مون توهان کي شري جهولي لعل تيرٿ ڌام جي اڏاوت ڪرڻ لاءِ ڪڇ جي نارائڻ سروور ۾ وڏي زمين ڏني آهي. هاڻي توهان سڀ سنڌي پاڻ ۾ يڪمشت ٿي اُن جو نرماڻ ڪاريہ شروع ڪيو. جيئن سڄي وشو جا سنڌي ۽ ٻيا بہ سئلاني هر سال وڏي تعداد ۾ هت شري جهولي لال جو درشن ڪرڻ اَچن ۽ ڀارت جي نقشي تي هيءُ هڪ سندر رمڻيڪ پنهنجون پوتر تيرٿ ڌام جلد مٿي اُڀري اَچي.

اتهاس شاهد آهي تہ هرهڪ ڌرم، جاتي، سماج، پنهنجي وجود ۽ سڃاڻپ کي قائم دائم رکڻ لاءِ عاليشان يادگار بڻجي ويل اَهڙا تيرٿ استان (پرتيڪ) قائم ڪيا آهن. جيئن امرتسر جو گولڊن ٽيمپل سکن جو سڀ کان پوتر تيرٿ آهي. مکو مدينو مسلمانن جو، تہ ويٽيڪن سٽي رومن ڪئٿولڪس جو، تہ جيرو سلم يهودين جو. انهن ڌرمن جا پوئلڳ هر سال پنهنجي ڪٽنب کي وٺي اُتان جي زيارت ڪن ٿا. ساڳي طرح سڄي دنيا ۾ رهندڙ سنڌي بہ هر سال پنهنجي ٻارن کي منڊڻ لاهرائڻ، جڻيا پائڻ، مُڃٽي پرڻي جون ۽ ٻيون پنگتي رسمون بجا آڻڻ لاءِ جهولي لعل تيرٿ ڌام جي ياترا ڪرڻ لاءِ ضرور وٺي ايندا.

هن نارائڻ سروور ۽ لکپت علائقي جو سنڌين سان هزارن سالن جو اتهاسڪ، اِڪنامڪ، جاگرافڪ ۽ ڪلچرل لاڳاپو رهيو آهي. سنڌي هن سنڌو ساگر ۾ پنهنجي مرت بزرگن جا سنک پروان ڪرڻ ايندا هئا. ڪراچيءَ کان اڳ لکپت ئي سنڌ جو مکيہ بندرگاهہ هو. جتان سنڌورقي (سنڌي ۽ ڪڇي لوهاڻا) ڏيساور سان وڻج واپار ڪندا هئا. گرونانڪ ڀائي ٻالي ۽ مرداني سان هتان ئي مکي مديني ويا هئا. بابا سريچند هتان ئي پنهنجي اُداسين پنٿ جي شروعات ڪئي جنهن سان سنڌ جون لڳ ڀڳ سڀ دربارون ۽ ٽڪاڻا لاڳاپيل آهن.

اَسانجي طرفان

سنڌين اندر نئين سجاڳي

۲۱ مارچ ۲۰۱۵ (چيٽي چنڊ) جو سڀاڳو ڏينهن سنڌي جاتيءَ اندر پيدا ٿيل 'نئين سجاڳي' جو هڪ اتهاسڪ ڏينهن ليکيو ويندو. ان شڀ ڏينهن تي ڪڇ ۾ نارائڻ سرووَر، ڪوٽيشور، لکپت جي ويجهو، جتي ٻه سؤ سال اڳ تائين سنڌو ندي ڪوري نار ذريعي سنڌو ساگر ۾ ڇوڙ ڪندي هئي، دنيا جو وڏي ۾ وڏو عاليشان 'جهوليلال مندر' اڏڻ لاءِ پومي پوڄا ڪئي ويئي. ڀارت جي پرڌان منتري مانواري شري نريندر موديءَ جي شڀ اڇائن سان گجرات سرڪار سمنڊ جي ڪناري تي چاليهه ايڪڙن جي بيحد ئي ملهائتي زمين 'شري جهولي لال تيرٿ ڌام ٽرسٽ' کي الاٽ ڪئي. ٽرسٽ ان زمين جي ڪُل رقم ادائي ڪروڙ روپيا ڪڇ جي ڪليڪٽر کي ادا ڪري اُن جو قبضو ورتو.

'شري جهولي لال تيرٿ ڌام ٽرسٽ' هن سال ئي آدرڻيه شري نريندر موديءَ جي مبارڪ هٿن سان جهولي‌لعل مندر جو بنيادي پٿر رکائڻ جي تياري ڪري رهي آهي. سڄي ڀارت ۽ دنيا جي ٻين ٻه ڪيترن ئي ملڪن مان هزارن جي تعداد ۾ سنڌي ڀائر ڀينر هن يگيه ۾ شريڪ ٿي پنهنجي آهوتي ڏيندا.

اَڏاوت جي پهرين چرڻ لاءِ اٽڪل ٻن سون ڪروڙ روپين جي لاڳت جو تخمينو آهي ۽ ٻئين ۽ ٽئين چرڻ ۾ اٽڪل ڏيڍ-ڏيڍ سو ڪروڙ روپين جو.

ٽي سال اڳ احمدآباد ۾ سابرمتي نديءَ جي ڪناري تي، جهولي لعل جي ميلي ۾ هزارن جي تعداد ۾ گڏ ٿيل سنڌين کي گجرات جي تنهن وقت

Sapta Sindhu

I feel very happy that I have been able to write 'Bharat Sindhu Rashmi', the epic of which sage Vishvamitra is the central hero. In the two ancient epics, the 'Ramayana' and the 'Mahabharata', we do not get the thrill of his magnetic, magnanimous and complex personality. It is the Rigveda that does full justice to his many sided greatness. He was a poet, king, warrior, sage, a leader of men that transformed a small and divided kingdom like Sapta Sindhu into a 'great rashtra' like Bharata Varsha with its own synthetic Arya-Dravidian culture and religion. He was one of the central figures of the Vedic Renaissance who poured new life into national moulds of thought, feeling and living.

– Dr. Vinayak Krishna Gokak

Extract from his Address while Receiving 26th Jnanpith Award on 1st November 1991

شريمد ڀاڳوت پراڻ جي هڪ سلوڪ ۾ هن پوتر استان جو ورڻن موجود آهي.

तत्र नारायणसरतीर्थ सिंधुसमद्रुयो: ।
संगमो यत्र सुमहन् मुनिसिद्ध निषेचितम् ।।

هن سنسڪرت سلوڪ جو تاتپرج آهي تہ سنڌو ندي ۽ سنڌو ساگر جي سنگم وٽ نارايڻ سر جو پوتر تيرٿ استان آهي، جتي تپسيا ڪرڻ لاءِ ڪيئي رشي مُني سِڌ پُرش ڪٿان ڪٿان ڪهي اَچن ٿا.


سنڌو ندي هماليہ جبل جي ڪئلاش مانسرور ڪان نروار ٿي، ليھہ (لداخ) وٽ ڀارت ۾ پرويش ڪري ٿي. اُتان ڪشمير ۽ پنجاب کي آباد ڪندي، پاڻ سان گڏ ٻين ٻہ ڇهن ندين کي سمائي 'سپت سنڌو' ديش ۾ داخل ٿئي ٿي. آريہ لوڪ سنڌوءَ جي ڪناري تي اَچي وسيا هئا. هنن هت ئي ويدن جي واڻي اُچاري 'رگ ويد' جي نون سلوڪن ۾ سنڌوءَ جي مهما جو ڳُڻ ڳان ڪيو هو. 'سنڌوءَ' مان ئي هندو، هندي، هندوستان ۽ انڊس مان ئي اِنڊيا لفظن جي اُتپتي ٿي هئي.

ڀارت جي اڳوڻي اُپ پرڌان منتري شري لعل ڪرشن آڏوانيءَ جي ئي اسرار تي ليھہ لداخ ۾ هر سال جون جي مهني ۾ 'سنڌو درشن' جو اُتسو ملهايو ٿو وڃي، اُتي 'سنڌو پون' ۽ 'سنڌو گهاٽ' جو نرماڻ ڪاريہ جاري آهي. نارايڻ سروور وٽ 'شري جهولي لعل تيرٿ ڌام' جي استاپنا ٿي وڃڻ بعد سڄي دنيا جا سنڌي هر سال هت اَچي جهولڻ جا ميلا لڳائيندا، جهمر چيڄون وجهندا، ٻهراڻا ڪڍندا، اَکا پائيندا، پنجڙا ڳائيندا. ۽ هند ۾ سنڌ ٻڻائڻ جو سپنو ساڪار ڪندا.


سنڌ کي ڪونہ ڇڏائي سگهي ڪو سنڌين کان
سنڌ سنڌين ۾ وسي، سنڌ هِتي، سنڌ هُتي،
ملڪ ٻٽجي ٿو مٽيءَ سان نہ، ماڻهن سان
سنڌ کي ڪونہ ڇڏائي سگهي ڪو سنڌين کان
سنڌ سنڌين ۾ وسي، سنڌ هِتي، سنڌ هُتي، (نارايڻ شيام)

Congratulations !


Best Book Awards to Sindhi Writers of Kutch
by N.C.P.S.L. for year 2012-13 & 2013-14




Shri Mukesh Tilokani
(Shah Abdul Latif-Calligraphy)



Shri Roshan Goplani
(Tunhinjo Munhinjo Pyar Roshan)



Shri Lal Hotchandani 'Lachar'
(Adbi - Kod)




Shri Kaladhar Mutwa
(for his book Thigar)

The Award of Rs. 50,000/- was given by Dada Jashan Vaswani on 4th March 2015 at Sadhu Vaswani Mission - Pune

Congratulations !

Life Time Achievement Awards


by N.C.P.S.L. for year 2012-13 & 2013-14




Dr. Satish Rohra



Smt. Kala Prakash



Dr. Murlidhar Jetley



Shri Hari Himthani

he Award of Rs. One Lakh was given by Dada Jashan Vaswani

on 4th March 2015 at Sadhu Vaswani Mission - Pune


لڇمڻ ڀاٽيه ڪومل کي خراج / اَرجن چاولا



هڪ بيباڪ قلم جي سِياهيِ سُڪي وئي!

اَڄ بيباڪ قلم جو هڪ سپاهي قلم ڇڏي روانو ٿي ويو ! اُهو قلم جنهن کي پنهنجي رواني ۽ شُستگيءَ تي ناز هو، اُهي الفاظ جيڪي اُنهيءَ قلم کي چمڻ لاءِ بيتاب رهندا هئا، اُهي اَرٿ جن کي شبد، بنا تلاش جي ملي ويندا هئا، اُهي مفهوم جيڪي اَجنبي الفاظ مان جهانڪڻ لڳندا هئا، اُها ٻولي جنهن پنهنجي اندر ۾ بي ساختگيِ ۽ بي ضابتگيِءَ جو احساس پئي پاليو هو، ۽ اُهو اِظهار جيڪو ڪڏهن فراوانيءَ جو محتاج نه رهيو هو - اڄ سڀ اُداس آهن انهيءَ قلم جي سياهيِ سُڪي وڃڻ تي! سياهي ڀل سُڪيِ وئي هجي. پر دوستن اَحبابن جي 'لڇوُلٻاڙي' سان گڏ ساهتيه جو سڪيلڊو، اَدب جو پرستار لڇمڻ ڪومل اسان جي وچ ۾ سدا حيات آهي.

شرڌانجلي




ڀارتي شاستريه سنگيت جي ڄاڻو، خاص ڪري حويلي سنگيت ۾ ماهر سنڌي ڪلاڪار پنڊت آسڪرن گرڌاريلعل شرما (جنم: ١٠ جنوري ١٩٣٦) جي اوچتي ديهانت (١٩ مارچ ٢٠١٥) تي اسين سنڌس ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي جڳت سان هن غم ۾ شريڪ آهيون.

سنڌالاجي پريوار

مبارڪون !

ساهتيه اڪادميءَ طرفان ’اَوڌوت‘ جي لکيل شاهڪار بنگالي ناول ’مرو تيرٿ هنگلاج‘ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو پيش ڪرڻ لاءِ انواد پُرسڪار اُلهاسنگر جي بزرگ ليکڪ رام ڪڪڙيجا (’ڏاچي واليان‘ ڪهاڻيءَ جي ليکڪ منوهرلعل) کي عطا ٿيڻ تي.



مرو تيرٿ هنگلاج



رام ڪڪڙيجا (منوهرلعل)

پنجاهه هزارن جو اهو انواد پُرسڪار ساهتيه اڪادميءَ طرفان هڪ خاص جلسي ۾ رام ڪڪڙيجا کي ايندڙ مهيني عطا ڪيو ويندو.

ساهتيه اڪادمي پرسڪار حاصل ڪيل هيءُ ناول اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ پاران شايع ڪيو ويو آهي.

اڄ ئي پنجاه سيڪڙو لاٽ تي =/125 موڪلي گهرائي سگهو ٿا.

رچنا دوران ڪرايل ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ جو نتيجو. ڪهاڻين جي ڪٿ جا آڌار

1. موضوع ۽ ان جو نباه 2. ڪردار ۽ ڪردار نگاري 3. ڪٿا يا پلاٽ جي رچنا 4. عبارت ۽ ان جي موزونيت 5. ٻوليءَ جي پختائي

ليکڪ	ڪهاڻي	موضوع	ڪردار نگاري	پلاٽ رچنا	عبارت	ٻولي	ڪل	
		10	10	10	10	10	50	
1. ڪلاڌر متوا	پاس ڪ ناپاس	9	9	8	7	7	40	I
2. ارجن چاولا	جمڙو ڪلفيءَ وارو	7	7	6	7	7	34	III
3. جڙام چمناڻي	درويش	4	3	3	6	6	22	
4. هوند راج بلواڻي	اسپيڊ	3	3	3	5	6	20	
5. جهمون ڇڳاڻي	منگهه وارو گهر	6	6	5	5	5	27	
6. ريتو ڀاٽيا	اگني سنسڪار	4	4	4	3	3	18	
7. سوني مولچنداڻي ڀيلاڻي	منهنجو تالپڙو	7	7	5	6	7	32	C
8. گوپ گولاڻي	آه غريبان	5	5	5	6	7	28	
9. ڀڳوان اتلاڻي	پيمانا	6	6	6	5	9	32	C
10. ٻنسي خوبچنداڻي	خوف	8	8	7	7	7	37	II
11. ڄيٺو لعلواڻي	اسٽنگ آپريشن	3	3	3	4	4	17	
12. ڏرو تنواڻي	ڀاڳ جو کيل	2	2	3	4	3	14	

چٽا ڀيٽيءَ لاءِ ڪهاڻين جي ڪٿ ڪندڙ ڊا. ستيش ڪمار روهڙا

’رچنا‘ ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ جو نتيجو

اديب دوست سندر منگهناڻيءَ جي سهڪار سان سنڌي ليکڪ شيام سچاننداڻيءَ جي معرفت هڪ ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ جو آيوجن ڪيو ويو. هن چٽاڀيٽيءَ لاءِ ٻارهن ڪهاڻيون پهتيون. مانواري جج ڊاڪٽر ستيش روهڙا انهن ڪهاڻين جي ڪَٽ ڪري، هيٺيون پنج ڪهاڻيون انعام لائق ٺهرايون آهن. ڪهاڻين تي ڏنل مارڪن جي وچور پنئين صفحي تي سنڌس صحيءَ سان شامل ڪئي وئي آهي.

۱. پهريون انعام پندرهن سو روپيا

ڪلاڌر مُتوا ڪي سنڌس ڪهاڻي **’پاس ڪ ناپاس‘** تي

۲. ٻيون انعام هڪ هزار روپيا

بنسي کوبچنداڻيءَ ڪي سنڌس ڪهاڻي **’خوف‘** تي

۳. ٽيون انعام پنج سو روپيا

اَرجن چاولا ڪي سنڌس ڪهاڻي **’جمڙو ڪلفيءَ وارو‘** تي

۴. آٿتي انعام (۱) اَڍائي سو روپيا ڀڳوان اٽلاڻيءَ ڪي سنڌس ڪهاڻي **’پيمانا‘** تي

۵. آٿتي انعام (۲) اَڍائي سو روپيا سوني مولچنداڻي ٻيلاڻيءَ ڪي سنڌس ڪهاڻي **’منهنجو ٽالپڙو‘** تي

انعام کٽيندڙ ڪهاڻيڪارن کي ’رچنا‘ طرفان مبارڪون.

انعام جي رقم کين جلد چيڪ / ڊرافٽ ذريعي موڪلي ويندي

انعامي ڪهاڻيون ’رچنا‘ جي ايندڙ انڪن ۾ شايع ڪيون وينديون

چٽاڀيٽيءَ لاءِ سهڪار ڏيندڙ سڀني ساٿين کي ’رچنا‘ طرفان ڌنيواد !

لکمي کلاڻي

سمپادڪ - ’رچنا‘

ڪويتا

’نئون نئون ڏسنداسين‘

ليڊر آهي
پنهنجو چا وچي
هوُ چاٿي
اڳيان پٺيان بندوقن جي وچ ۾

منهچ تي وينو هوندو
هارَ پارائيندو
جيئن بہ ڳالهائي
هوُ چاٿي

موٽرن جو قافلو هوندس
بک تہ لَهٽي ڪانهي
هوُ ڪائي ڪونہ

چون ٿا اٿين
ڏاڍو غريب آهي
هلائي پنهنجي، جيئن بہ هو چوي
مڃيندا سين
نئون نئون آهي
آهي بہ نوَنِ ڪپڙنِ ۾
لفظ بہ نوانَ نوان اٿس
سوچي چاٿي
ننڍڙي ڳوٺ جو آهي
چوي تہ ائين ٿو
ڪجهہ نئون نئون ڪري ڏيکاريندس
ڏسنداسين
پنهنجو چا وچي.

وائي

چوڏاري آ جئجئڪار، ڪيڏا وڏا تماشا ٿيندا
اکرن جا سپنا اک اک ۾ ترت ئي وٺندا ڪو آڪارُ
ڪيڏا وڏا تماشا ٿيندا

گهٽيءَ گهٽيءَ مان لنگهندو دلبرُ هرڪو ڪندو وڃي ديدارُ
ڪيڏا وڏا ....

ڏسجئن تنهنجي وک وک توسان، اوندهہ جو نہ رکي وهنوارُ
ڪيڏا وڏا ....

سوچ وڪامڻ ايندي گهر گهر، وڌندو گهٽو گهٽو واپارُ
ڪيڏا وڏا ....

اوزارن سان راند ڪنداسين، عقل بہ آٽيندو ويچارُ
ڪيڏا وڏا ....

تون مونکي، مان توکي، هرڪو هرڪنهن کي پارائي هارُ
ڪيڏا وڏا ....

طعام اکين سان ڏيکاري ٿو، وٺي نہ پر ڪارائي يارُ
ڪيڏا وڏا ....



غزل / اَرجن حاسد

-١-

چيو تي مون تہ ڏاهو ڀارُ ٻڌجان
هنئر کن ظالمن جو خابروُ مان

ڏنم پستول تو هر هر نهاري
چوي تو ترت هل، ڏي ساٿ مون سان

وڏهن قومون تيون پنهنجين خواهش لءِ
کتي تو آءٌ نندڙي ڳالهہ سمجهان

ٻڌيس طوطو جپيان تو جاپ سُرَ ۾
چوان تو هوند ڳاڙهو مرچ کاوان


ٻڌم کا دانهن، جئن کو قهر تڙقي
سڏيو تي کنهن، اُتي کئن آءٌ پهچان

سچو رت ۾ رڱيل هو ڀارُ منهنجو
ڏکيو تي ڏيل، پر کنهن ساڻ پڪان

اجا کاراڻ چنبڙيل آهي منهن تي
دلاسي جو بہ مان حقدار کونهان

ڏسان تو ٻڙٻڙائي وينو حاسد
ڀيو تي کونہ سگهندو کجهہ بہ هن کان.

غزل / ڪمل پياسي



-١-

هر شبد ۾ سمايل آ منهنجي ذات
ڏينهن به منهنجو ۽ منهنجي رات.

سهڪي سهڪي ساهه ڪٽان ٿو مان
تڙپي مشڪي ٿي سندم جذجات.

ناحق ڪنهن سان نينهن لڳايم
پيت ۾ سور مليم سوغات.

چاهڻ وارن کان منهن ڇو موڙيم
پٽي پيئي هاڻي حالات.

مندن ڦرڻ جي مهل آ مقرر
جيئن چيڙن، هو سوئي اوقات.

اونده ڪين ٿي رهي هميشهه،
واجهائي پل ويٺي پربات.

ٽوڪي ڪو ٽڪراءُ نه چاهيان،
سڪ صدق آ آب-حيات.

سونو هار شبدن جو ناهي،
وڃي جهول ۾ ٿي خيرات.

اَهنڪار هن حسد وَهيٽا،
غيرت سان ڪن ٿا شروعات.

چت جو چئن وڃائي منهنجو،
تورين منهنجي اَٽل ايڪانت.

لوڀ ۽ لالچ ۾ مران ٿو،
هبچ اُپاري تن لاءِ تات.

مهر ڪيي مالڪ جي ور ور،
لڇي پيئي ان لاءِ خيالات.

پاجهه ڪري پاجهارو پياسي،
برسي مهر جي جيئن برسات.

دوها

اَڄ بہ اڪيلي ۾ اَڇي، سمجهائي جذباتِ
ننڊڙيءَ ننڊڙيءَ ڳالھہ تي، روءُ نہ آڌيءَ راتِ

اَڄ جي راتِ رهِي پئين، تيندي وِندُر ورونهن
ٻڪ جهلي پيئندا وجون، پرڪرتيءَ جِي سونهن

ٻيو ڪجهہ تيندو ڪين ڪي، ڪري وٺون ڏيکاءُ
ويڙهہ جهيڙ جو پهچندو، پري پري پرلاءُ

پوُٽ سُڄيل، اک بي چئي، ڪهڙا رشتا هونئن
پنهنجن ها ڇهرا اڳي، ڏنم نہ اهڙا هونئن

چغلين ۾ ڏاهپ گهٽِي، ملندو آ سنتوش
ڪنهنڪو ٿو نقصان ٿئي، رهندو ڪونهي هوشُ

هيءُ ڏاڍن جو ڏيهہ آ، پلي تہ ناحق مارِ
تون بہ تہ کائيندين ڪڏهن، وڏي ڪا ڪنهنجي گارِ

مُڪ منڊل جو ذائقو، چکي ڏٺو مون ڪونہ
ڪتان اچي آلاپ ٿو، اڳ تہ ٻڌو مون ڪونہ

ڪول نہ ڪا اخبار تون، پڙهہ نہ گپوڙا يارَ
هرڪو وڪڻي ٿو هنئن، گرم پڪوڙا يار .

68, Neel Kanth Society No.1
P.O. BHAT. Dist. Gandhinagar - 382428



غزل / گوورڌن شرما ’گهايل‘

ٻڌايو ڇئو ٿا ته ڇا ڇا ڪيان مان،
رُلان ۽ رَڙان يا ڪُڏان ۽ کِلان مان.

پڙهڻ ۽ لکڻ مان ملي ٿو سُڪون پر،
نٻل پيٽ لئه ڇا مٿي تي ڪٽان مان؟

رفيقن رقيبن گهٽوئي ستايو،
مگر پو به پنهنجي هلِت پيو هلان مان.

اَڇي ڪين ڪو ٿو نظر ماڻهو مونکي،
تڏهن پيي مان وَر وَر ڏسي پيو ڏسان مان.

ڪتابن ۾ بس بند ريتا ۽ سندري،
ڪڏهن واسواڻي ۽ ٺاڪر پَسان مان.

اَٿم مرض دِل جو رلڻ کان ٿا روڪِن،
ملي قرب جت اُت وڃي ٿو پُڄان مان.

مَرڻ جا پرون ٿا پون هاڻ ’گهايل‘
اَڃا ڪيترا ڪم ڪرڻ ٿو گهران مان.

مونکي وقت روڪي سگهيو ڪين سگهندو،
چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ به ساڳيو رهان مان.

مبارڪ اوهان کي وفائون جفائون،
پهر پوئين ۾ ڪئن بدلجي سگهان مان.

ڏنو پيار جن تِن سَين جا ئي احسان
ڪئي جن به نفَرت، جا ٿورا مڃان مان.

Flat No. 202, Rio Grande,
Fortaleza, Kalyaninagar,
Pune - 411006 (Maharashtra)

زبان ترڪي ويندي آ، خبر نہ ان جي پوندي آ،
لفظن ۾ اٿل ايندي آ، شبدن جي اهميت گهٽبي آ.

ڪم ۾ لاپرواهيءَ ڪارڻ چڙب ملي چرڪي نہ وڃو
ڪروڌ ۾ ڪڏهن ائين تہ جذبن ۾ اُڇل ايندي آ.


تڪ تئي لاپرواهيءَ ڪارڻ، قابل هوندي ڪم نہ چڙهيو،
ڏاڪو ڏاڪو اڳتي وڌندي، ويساهہ سان همٿ وڌندي آ.

گنپيربٺي ڪوڪن نہ ڏيو، وسرپل ڳالهہ تي ڪو ڌيان نہ ڏيو،
پاڻ کي رکو سجاڳ هميشه، هلچل سڦلي ٿيندي آ.

پلو ڪرڻ انساني فطرت، پل تہ وقتي ٿئي پيئي،
زبان جي ڦڙڪڻ ڪارڻ، طبيعت ڍلي نہ رکبي آ.

جيون آهي سنگهرش، اڳتي اڳتي وڌڻو وڌڻو آ
بزدليءَ سان همٿ هاري، پياسي سمجهہ نہ پلٽي آ.

B-2-102 Goyal Intercity
Drive -in -Road
Thatlej Ahmedabad - 380054



غزل / اَرجن چاولا

اڄ جت دوستن جو پيرو هو
هاڻ اُت دهشتن جو ديرو هو

مون ڇُهيو هڪ گلاب جو ٻوٽو
پر لڳو ڄڻ تہ ڪنڊيرو هو

سڀ لهڻ جا ڪيا ٿي سانباها
منهنجو پاڇو مونکان وڏيرو هو

پنڌ ڪندي گهيريو ڪنهن اَڄاتل ڊپ
منهنجو شايد سفر اَويرو هو


پرهہ جي انتظار سَگهہ تہ ڏني
پر اَڃا رات جو ئي گهيرو هو

ڏنڌ آڪاس تي هيو ڇانيل
سڀ اُفق تي اُٿيو تہ ميرو هو

هڪڙي ڪِرڻي اَڱڻ تہ اورانگهيو
پيهي آيو نہ ڪو سويرو هو

روشني ڪيئن پلا نصيب ٿئي!
منهنجي اکڙين ۾ ئي اَنڌيرو هو.

6/198, Street No. 1
Nai Basti, Aligarh-202001 (U.P.)



غزل / گوپ ڪمل

- ١ -

مُرڪ جو پردو ڀَل اَڳائيندين
پيٽ دائيءَ کان ڪيئن لڪائيندين

ھَڙ ۾ وھنوار ڳوٺ جو رکجئن
پاڻ تي شهر کي کِلائيندين

مان مڃان ٿو تہ منھنجي غلطي آ
ڳالھہ کي ڪيترو وڌائيندين

ھاڻي جنھن تنھنجا فيصلا ٿو ڪرين
ھيءَ بچيل ساک پڻ وڃائيندين

تون اچا سيڪڙات پِڙ کي ڇڏ
راند سيني جي تون ڦِٽائيندين

سوجھرو تنھنجي گھر ۾ گھٽ آھي
پاڙي واري جو گھر جلائيندين

ٿورو ڪجھہ مونکي ڀي چوڻ ڏيندين
صرف پنھنجو ئي راڳ ڳائيندين

ھِت پٽي باز سڀ ڪلاڙي ڪمل
پوءِ ڀي داءُ تون اڳائيندين

24, Vishram Society
Padamji Park, Pune - 411002
&
P.O. Box 1691, Dubai (U.A.E)

ڪوتائون / مُڪيش تلوڪاڻي



مِٺو اَحساس

تون، ڪاريءَ رات ۾
اَڪيلو، ڪيڏو نہ سٺو ٿو لڳين
منهنجي اک
توکي ڏسي ۽ دل
بهار بهار ٿيو پوي.
تنهنجو پيارو
رنگ روُپ نکار
جواني جوبن
هروقت، الڳ الڳ
تون آهين نہ
آءٌ آهيان.
ذرا اوڏو اَچ نہ
ائين پريان پريان مُسڪرائي
بهانو ٺاهي هليو وڃين.
منهنجن پڪن جو ڦڙڦڙائڻ
ڪوشش جي باوجود بہ
تون ....، پريان پريان
صرف نادانيون
مسخريون،
اک چنپ ڪرين
واهہ جو اَنيو
مِٺو اَحساس
شل قائم رهين.

ٻہ گهڙيون

ڪيسو ڳالهائي ٿو
تون، ڪِلُ ..... مستي ڪَرِ
مان پلي چُپُ رَهان
تون ٺهڪ ڏي، چرچا ڪر
جمپ ڏي.
وري واپس ڪڏهن اَچبو؟!
بادلن کي ڏس
ڊوڙندا ٿا وڃن
بجليءَ کي ڏس
رنيون ٿي ڪَري
خوشي ملي ڪِٿي ٿي
مهانگائيءَ منجهائي ڇڏيو آهي.
صرف ننڊڙو گهر آهي
پوُرو نہ، سچ پچ
هوٽل جو نالو نہ کڻ
ٻہ گهڙيون آرام ڪپي
ڪافي هائوس پري رهيو
هي، ٿلهو ئي آنند ڏيندو
چاڪليٽ کاءُ
ڪافي پيءُ
پان چباڙ
دل بهلاءِ.

41, Sindhu Varsha Foundation,
Adipur - (Kutch) - 370205

غزل / اِندرُ جسوجا ’ڪومل‘

اَسان کي نڪي گُهرجي ڪنهن جي عنايت
نہ ڪي آهہ ڪنهن لئہ اسان کي شڪايت

مڃون ٿا تہ هٿُ تنگ آهي اسان جو
ڪرڻ ايندي آ پر اسان کي قناعت

ٻُري سان بہ ڪڏهين ڪري ڏِسُ ڀلائي
ڀلي سان ڀلائي ڪرڻ آ روايت

نماڻين نگاهُنِ سان سجدو ڪري ڏسُ
کُليو ڀاڳ اُنَ جو ڪئي جنهن عبادت

مُقدرُ تہ هرڪنهن جو پنهنجوئي آهي
هُجَڻُ گُهرجي دل ۾ ڀريل بس صداقت

رقيبن جي دل ۾ ڪو جاڳائي جذبو
ونڊي پريم تن سان رکي ڏسُ رَفاقت

ڏنا ڪي تہ اَهڙا بہ آهن مون ماڻهو
ڏسي جي اکين ۾ ٿي ڀرجي حِقارت

اُهي پيار قُربت جا ٻيا ها زمانا
هينئر قُرب جي ڳالهہ آ جڻ حِماقت

اَلائي ٿئي پيو اِئين ڇو جَهان ۾
رکي دوستي پوءِ ڪن ٿا عداوت!

اي ’ڪومل‘ اَجا ڪن ۾ پاتي وجي ٿي
غمن ۾ بہ کِلندو رهڻ جي لياقت.

سڳا پائُر

گذريل سال
موقعو مليو هئم
اَباڻي وطن
سنڌ وڃڻ جو.
ڪراچيءَ ۾ هو
سنڌي ڪهاڻي سيمينار.
پهچندي سنڌ ۾
ياد آيم
ننڍپڻ ۾ گذاريل
ڪي سال،
اَباڻي وطن جي
مٽي
مستڪ تي لڳايم.
سيمينار ۾
پارت جا
سنڌي هندو ليکڪ
۽ پاڪستان جا
سنڌي مسلم ليکڪ
هٿ ملائي
پاڪر پائي
هڪ ٻئي سان
گڏجي رهيا هئا
جڻڪ
سڳا پائر هئا !

مان سوچڻ لڳس
سيمينار ۾
شرڪت ڪندڙ
هندو ۽ مسلمان
سنڌي ليکڪن جو
اَباڻو وطن
سنڌ آهي.
ٻنهي جنم بعد
پهرين
پاڻي پيتو هوندو
سنڌو نديءَ جو !
ٻنهي پاڻيون هونديون
ليٽڙيون
ننڍي هوندي
سنڌ جي مٽيءَ ۾
اِهو ڪارڻ هوندو
جو ٻئي هٿ ملائي
پاڪر پائي
گڏجي رهيا آهن !
ٻئي
سنڌو گهاٽيءَ جا
موهن جي دڙي جا
وارثدار آهن !
(گلن جي سُرهاڻ تان ورتل)

C-1 Kanchan Kirti, Dharam Peth,
Nagpur -440010

ڪوتائون / شيام سچانندائي

هيءُ ڇا ٿا ڪريو؟
ڇا ڪيم؟ صرف تنهنجو هٿ دٻايم!
پر......
پرڇا......؟
ڪير ڏِسي وٺي ته......
ڪير ڏسندو؟
هٿ ته صرف تون ۽ مان آهيون.
ديدي جا آهي.
’هوءَ‘ ته سنان ڪرڻ وئي آهي.
سنان ڪري اِجهو ته نڪتي،
تنهنجيءَ پيڻ کي سنان ڪرڻ ۾
اَڌ ڪلاڪ لڳندو آهي.
تڏهن به......
هڪ ڳالهه چوان ؟
بالشڪ چئو.
سمجهه ته تون ۽ مان،
سالي - پيٹويو اَڪيلا آهيون
ڪير به ڏسڻ وارو ڪونهي

مان اَڪيلائپ ۾ توسان
’هٿ چُراند‘ ڪريان ته......
اَهڙا غلط ويچار من ۾ ڇو ٿا آئيو؟
ڇاڪاڻ جو
مونکي پڪ آهي ته
جڏهن مان توسان
’هٿ چُراند‘ ڪندس،
اُن وقت تنهنجي به ’دِل
سُرڪندي‘،
تون ناراض ڪا نه ٿيندينءَ
۽ نڪو اعتراض وٺندينءَ
شرم وچان هنجو چهرو
ڳاڙهو ٿِي ويو.
هال مان تڪڙو نڪري وئي،
ويندي ويندي
شايد
پڻ پڻ ڪندي وئي،
ڪيرُ ڏسي وٺي ته....

ڪوتا / ڊا. ڌرو تنواڻي

زال ۽ مرد

مرد
هندو هوندو
يا مسلمان
يا سِکُ
يا وري عيسائي
يا يهودي
پڙهيل هوندو
يا اڻپڙهيل
ڪمائيندڙ هوندو
يا وري بيڪار
آفيسر هوندو
يا چپراسي
پيءُ هوندو
يا ڪوئي پُٽ
پر زال

نہ هندو هوندي
نہ سِک
نہ مسلمان
نہ يهودي
نہ پڙهيل هوندي
نہ اڻ پڙهيل
نہ ڪمائيندڙ هوندي
نہ وري بيڪار
نہ آفيسر هوندي
نہ ڪائي چپراسي
ان جي جات آهي
رڳو ان جو شرير
۽ ان جو زالپڻو

2/75, Morabadi
Ranchi - 834008, Jharkhand

شرڌانجلي



برک سماج شيوڪا، تعليمدان ۽ گانڌيڏام جي هڪ اهم هستي دادي ڪرشنا ڪوڏوسنگهہ پميائڻي (جنم ۱۹ نومبر ۱۹۲۱) جي ديهانت (۱۴ مارچ ۲۰۱۵) تي اَسين سندس ڪٽنبين، ۽ سموري سنڌي جڳت سان هن غم ۾ شريڪ آهيون.

سنڌالاجي پريوار

ثميره زرين

وقت کان اڳ وڃڻ لاءِ
اَچڻ کان اڳ آئي وجود ۾
ديو لوڪ مان پري آئي
امر لوڪ جي پڇاڻ لاءِ
محبت جي مهراڻ ۾
ساهت جي سڳند ڦهلائڻ لاءِ
نہ ڄاتو هن جهان تہ
آئي آ روح رهاڻ لاءِ
مومل ملوڪڙي ويئي اُڏامي
جيجل کي جدائي - ڏنڀ ڏيئي
آئي هئي جڳ کي ريجهائڻ لاءِ
پر ڪو لهي نہ سگهيو اُن جو ماڻ
سِکندي رهي سچيءَ سِڪ لاءِ
سنڌ جي سونهاري نينگري
اُجايل هئي ازل کان

مخمل کان ملايم
ڇُهڻ ري ڇيهہ ڪري
ڏُلري ڏيهہ کي
روح کي روئاري رمندي رهي
راڻي رُسي ويئي گلستان کان
گل واجهائيندا رهندا
وڇڙيل جي وَرڻ لاءِ.
٣٣ ورهين ۾ رمندي رهي
٤٤ سنہ ۾ آئي هن جهان ۾
٦٦ (ڇڪا) ساهتيہ سنسار ۾ ڪيڏندي رهي
٧٧ سنہ ۾ معصومڙي موڪلائي ويئي.

ڏَبل ڏَبل انگ
پر عمر ڪٽي آئي اَڌ.

57/B Fifth Street,
Jitendra Park,
Nr. Railway Track,
Zanzarada Road,
JUNAGADH - 362001

ڪوتا / جوتي ڀاوناڻي



’رموٽ ڪنٽرول زندگيءَ جو بہ‘

ھُجي ھا جيڪڏھن رموٽ ڪنٽرول زندگيءَ جو بہ.
۽ پنڪ ھُجن ھا پنھنجي زندگيءَ جا بہ،
تہ پپا، مان آف جو بٽڻ دٻايان ھا،
۽ اُڏامي ڪري توھان وٽ اَچي وڃان ھا.
ڍير سارين توھان سان ڳالھيون ڪيان ھا،
اُھي آڪاٽيون وري توھان کان ٻُڌي سگھان ھا.
توھان جو پيار ۽ لاڏ ڪوڏ وري توھان کان پائي سگھان ھا.

آف جو بٽڻ دٻائي وري کان واپس اَچي وڃان ھا،
۽ ماءُ کي توھانجي خيريت جي خبر ٻُڌايان ھا،
توھانجون ڳالھيون ٻڌائي ھُنکي خوب کِلايان ھا،
ائين ھُنجي ڏُک کي ڪُجھہ گھٽِ ڪري سگھان ھا.
وري جڏھن بہ ھِن دُنيا کان ڪا تنوڪرڪان ھان،
تہ وري پپا مان آف جو بٽڻ دٻايان ھا،
۽ پنھنجي جيءَ کي بھلائڻ لاءِ واپس توھان وٽ اَچي وڃان ھا.

37-B, Apnannagar,
Gandhidham - Kutch



تنها / گينا بندراڻي

١. ڏيکاري ٿو راند ڪا، ڏينهن جو پوتاميل.

٢. ڪم ننڍ ۽ ننڍ ڪمُ هجي، هل ته هلون اُن ديس.

٣. هن سنسار جي ماجرا، سهي ڪڇون ۽ جي شرط.

۴. عاشق چوي پرينءَ کي، تُنهنجي ياد شفاف.

۵. سانت سڏائي گهر اندر، مون ورهايو گوڙ!

٦. اَشانت کان پوءِ سانت ۽ ڏُک کان پوءِ سُک ماڻِ.

٧. ٻاٻرا ڪندا ساهُرا، ٽُنهن جو ٽونٽ ٽڪاءُ.

٨. ٻارراند ڪن ٽا پيا، وڻي ٿو اُهو لڪاءُ.

٩. ڪڏهن نه گُلُ ٻڻجي سگهي، مُرجهايل مُڪڙي.

ڏيڪ

١. آهه اندرِ ٻاهه

اُجول پوترجوت ڪا مندر منجهه ئي آهه.

٢. بک ۾ ٽيس پئي پاهُه

ساند هري هري الا نکري ويندو ساهُه.

14, Anuchhaya,
Juhu Lane,
Andheri (W), Mumbai 400058

اڇٽا نہ آھن؟‘ ۽ ھن کي جواب ملندو ھو - ’اھي، جيڪي وھي ويا!‘ وري ھڪ ٽڏو ساھہ کڻي چوندو ھو ’منھنجي جواني ! تنھنجي جواني !‘

ڪمل پيءُ کي دلجاءِ ڏيندو ھو ’ڇو، مون کي ڇا ٿيو آھي ! مان تہ اڃا جوان ئي آھيان ! زور شور سان محنت ڪريان پيو !‘ ائين ڪمل پيءُ جي دل رکڻ جي ھر طرح ڪوشش ڪندو ھو.

ھن جي پتني ھينا بہ ھن کي پورو ساٿ ڏيندي ھئي.

ڪار جي صفائيءَ جو ڪم نپٽائي ڪمل ھٿ پير ڌوئي پيءُ جي پير ۾ اچي ويٺو. ھينا اچي ھن کي چانھہ جي ٽري ڏني ۽ ٻئي ھٿ ۾ جھليل گيچڻ ڪار جي مٿان رکي ڇڏيو.

’اھو وري ڇا رکيئہ؟‘ ڪمل چانھہ جو ڪوپ پيءُ کي ڏيندي چيو.


’گيچڻ ۾ ڪريلن جي ڇِل سڪڻ لاءِ رکي آھي. بابا کي وڻندي، آھي.‘ چئي ھن بہ پنھنجو چانھہ جو ڪوپ ڪنيو.

’شُڪرُ آ سائين ! تنھنجون لک ڀلايون !‘ پڻ پڻ ڪندي، گھر جو بزرگ ڏڪندڙ ھٿن سان مضبوط جھليل ڪوپ ۾ چانھہ پيئڻ لڳو ! ھن جي صحت عمر جي لحاظ کان وري بہ سني ھئي ! اڃا بہ ھو پنھنجا ضروري ڪم گھڻو ڪري پاڻ ئي ڪري وٺندو ھو. ڪمل ۽ ھينا رات جو ھڪ ھيلپر کي گھر ۾ سمھارڻ جو بندوبست ڪري رکيو ھو. جئن رات جو ھنن کي گھڻو ڦُرنو نہ ٿئي. نندي ببلوءَ جو اونو بہ تہ رھي ٿو. ھنن کي ٻنھي جو ھڪ جھڙو خيال رکڻو پوندو ھو. ببلوءَ کي ڏينھن جو ڪم واري دادي سنڀالي وٺندي ھئي. جئن ھينا ڇھہ ڪلاڪ پنھنجي ’شادي بيورو‘ واري آفيس ۾ ڊيوٽي ڪري اچي. ھوءَ پنھنجي ڪم ۾ ايتري ماھر ھئي جو ھن کي آفيس مان روز بہ ڪلاڪ اڳ گھر وڃڻ جي ڇوٽ مليل ھئي! ڪمل ھن کي چيڙائڻ لاءِ چوندو ھو ’تنھنجو اِھو ڪم پاپ جو آھي يا پُن جو ؟‘

’ڇو ڀائي ! اسان جي آفيس فقط پُن جو ڪم ڪندي آھي! جوان ڇوڪرن کي اسان ٻانھن جو وٺي ڏيندا آھيون !‘ چئي ھوءَ مشڪڻ لڳي!

ھنن ٻنھي کي بزرگ پيءُ جي ڪيترن روايتي جھونن لفظن جو اُپيوگ

ڪهاڻي / نامديو تاراچنداڻي



بابا - گاڏي

"ٽيلوءَ جو جنم ڏينهن ويجهو آهي. باقي هفتو پيو آهي. مون کي ته آفيس مان موڪل ملڻ مشڪل آهي. توهان اڄ شام جو پاڻ ئي وڃي اچو ته بابا- گاڏي؟"

شريمتيءَ ڪٽاڻديءَ مان ئي ورجايو!

ها- اٿين تي ڪرڙو پوندو. تنهنجي آفيس آهي يا ڊفينس ڊپارٽمينٽ. روز ايمرجنسي لڳي پيئي آهي. ڪمل پنهنجي ڪار جي اندر ويڪيوم ڪلينر سان صفائي ڪندي جواب ڏنو. پرسان ڏريءَ کان چانهه ٺهڻ جي خوشبوءِ اچي رهي هئي. اڄ موڪل جو ڏينهن هو. ڪمواري به اڄ جُٺيءَ تي هئي. ڪار ڌوئڻ وارو به اڄ اچڻو نه هو. ورانڊيءَ پر واڪر کي پنهي هٿن سان سوگهو جهلي ڪنهن قدآور پر هاڻ ضعيف لڳندڙ پيءُ بابا، ننڍي ٻار جيان- پير وجهان --- پنڌ وجهان --- " جيان، جڏهن هلڻ سکي رهيو هو. ٻه چار قدم سري پري هو لڳي پنهنجي ڪنڌ واري اُس پر ويهي رهيو. ويهڻ لاءِ واڪر جڏهن ڪرسيءَ کي ڇلي جهلي پنهنجو نماڻو تڪيا ڪلام "شُڪر آ سائين، تنهنجون لک پاليون؟" هوا ٿيندي، پڪو ساهه کڻي رهيو هو. جڏهن سوسائٽيءَ جي وڏي باغ پر پري تائين گهمي ٿڪجي پيو هجي!

"ابا هاڻ اهي ڏينهن ورِي اچڻا نه آهن؟" اهو به هو اڪثر پيو چوندو هو. اڳ هو برابر روز باغيچي تائين ويندو هو. سوسائٽيءَ جا ننڍا وڏا ڇوڪر ٻاڪر هن تي ڪيڪاريندا هئا ۽ ڪنهن هٿ جهلي گهر تائين ڇڏي ويندا هئا ۽ هو اڪثر ٿڪو ساهه کڻي چوندو هو. "ابو! هاڻ اهي ڏينهن ورِي اچڻا نه آهن؟"

ڪنهن ڪمل پنهنجي پيءُ سان چرچو ڪندو هو "بابا، ڪهڙا ڏينهن

ها. مسٽر ڪمل ميرچنداڻي توهان جو ئي نالو آهي !

ها. پر توهان کي ڪئن .....؟

مون کي توهان جي دوست فون تي ٻڌايو ته توهان کي بابا گاڏي کپي !

او ها! ته مان شايد صحيح جڳهه تي آيو آهيان.

مئڊم هڪ فائيل ڪڍي هن جي اڳيان رکيو.

توهان کي اسان جي سنسٿا ۾ هڪ هزار روپيه ڊپازٽ ڪرڻي پوندي.

توهان کي اسان بابا گاڏي فقط يوز ڪرڻ لاءِ ڏيئي سگهنداسين.

جيترو به وقت چاهيو. پر اها واپس ڪرڻي ضروري آهي. توهان کي ڊپازٽ مان فقط سوَ روپيه اَئڊمنسٽريشن چارج ڪٽي باقي واپس ملندا.

چوندي مئڊم فائيل مان هڪ فولڊر ڪڍي ان ۾ چپيل بابا گاڏيءَ جي اميج ڏيکارڻ لڳي.

ڪمل کي اِميج ڏسي لڳو ته هو ته بلڪل ئي صحيح جڳهه تي ڪونه آيو آهي. هيءُ ته اولڊ ايج هيلپنگ سينٽر آهي - ۽ هيءَ ٻُڍن کي سئر ڪرائڻ جي وِيل چيئر جهڙي گاڏي ٿي لڳي! هن کي ته پنهنجي ببلوءَ لاءِ بابا گاڏي وَنٽي آهي !

ڪمل کي وري پڇتاءُ ٿيڻ لڳو. هن مُنجهندي چيو - ’آءِ ايم ساري ! پر ....‘ ’ڪائي ڳالهه ڪانهي. اسان وٽ جيڪي آهي. اسان توهان کي ڏيکاري سگهون ٿا ! هيءَ ته NGO آهي. توهان ڪو فڪر نه ڪريو.‘

ڪمل ذري گهٽ اٿڻ وارو هو ته مئڊم وري چيو :

’پر مان ايترو توهان کي ٻڌايان. هيءَ گاڏي اسان کي دُبئيءَ مان گفٽ ملي آهي ڪنهن ڪٽنب کي ڏنل هئي. اجا هفتو اڳ واپس آئي آهي. هن ۾ ڪيتري به وڏي عمر جي ماڻهوءَ لاءِ ڪافي سهوليتون آهن. چاهي سئر ڪرايو. چاهي گهر ۾ وينا هجن. هن ۾ ويهڻ ۽ لهڻ لاءِ مئگنيٽڪ ليچ وارو دروازو آهي. هيلپ گهرڻ لاءِ ڪال بيل آهي. گرم سيڪ ڪرڻ جي بيٽريءَ واري هيٽنگ پيڊ ۽ ميوزڪ پريبل هيڊ فون به آهي. رستي تي لاهي اَچي ته سينسر وارو آٽو

ڪرڻ ۾ خاص قسم جو لطف ايندو هو. زور ڪري اَهڙن لفظن جي اُپيوگ سبب هو پاڙي ۾ به مشهور هئا!

’ نه نه ! اهو ته برابر وڏي پُڄ جو ڪم آهي. پر مون کي اها توهان جي مئچ ميڪنگ الائي ڇو مئچ فڪسنگ لڳندي آهي !‘ ڪمل هينا کي چيڙائڻ جاري رکندو هو.

ها ها، توهان کي ڇو نه لڳندو! نوان جوڙا اَسان وٽ آشيرواد وٺڻ ۽ نوان نوان وسلا ۽ مِٺايون پيٽ ۾ ڏيڻ ايندا آهن. ان ڪري توهان کي شڪ پوندو هوندو! پر پاڻ ته مٺائيءَ جو شُڳن ڪري سڀ پاندا برتن ۽ مٺائي ٻين کي ڏيئي ڇڏيندا آهيون ! اهو به ته پُڄ جو ڪم آهي نه !

ڪمل کي نيٺ جند ڇڏائڻي پوندي هئي ’اهو ته پائي، تون ڄاڻ تنهنجو ڪم ڄاڻي!‘

شام جو سويل پرو ڪمل بزار لاءِ نڪتو. هن کي اڄ ببلوءَ لاءِ ٻارن کي وهاري سئر ڪرائڻ لاءِ بابا گاڏي وٺڻي هئي. بزار ۾ هڪ واقفڪار ڄاڻو ماڻهوءَ کان پڇي هو اتي پهتو، جتي هن کي اڇڻ جي ائڊريس ملي هئي. پر هت ته ڪا بزار ڪانه پئي نظر اَچي! پوءِ به هن همت نه هاري. هن کي ڏس ڏيندڙ واقفڪار تي ڀروسو هو، جيڪو پاڻ ڪيترين سنستائن سان جڙيل سماج سيوڪ هو. گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو ڏنل پتي تي پهچڻ ضروري لڳو کيس. هن کي هڪ وڏي شاهي بلڊنگ ڏسڻ ۾ آئي. اندر هڪ عَلحدي ڪُشادي آفيس به هئي. چوڪيدار هن کي اتان جي ڊائريڪٽر سان ملايو. هاڻ هن کي سَڄ پَڄ هڪڪ تي رهي هئي. هي وري هو ڪٿي پهچي ويو آهي! پر هن پنهنجو پاڻ کي آٿت ڏنو، ان ۾ هن جو ته ڪوئي ڏوهه نه آهي. ائڊريس هن جي هٿ ۾ آهي. هن معافي وٺندي مئڊم کي چيو ’مئڊم معاف ڪجو. مان شايد غلط جڳهه تي پهچي ويو آهيان!‘ چوندي هن هٿ جوڙيا ! هن جي من ۾ خيال آيو، پل جڳهه غلط به هجي، پر هيءَ جڳهه آهي ڏسڻ جهڙي! ڪافي وڏا هال آهن ۽ چڱا ماڻهو ائڊمنسٽريشن ۾ لڳا پيا آهن. البت ٻاهر ڪو وڏو بورڊ نظر نه آيو. هو سوچيندي ان مئڊم اڳيان ويهي رهيو.

هيءَ بابا لاءِ آهي. باباڪي سئر ڪرائڻ لاءِ. وري تو - اِن ون ! هيءَ ببلوءَ لاءِ بہ آهي. هن ۾ اندر بيبي بورڊ ۽ بيلٽ بہ آهي. ٻنهي کي سئر ڪرائڻ لاءِ.'

هينا خوشيءَ مان وري بہ اکيون ڦاڙي ڏسڻ لڳي ! يعني ٻارءِ ٻئو هڪ برابر! اڙي واهہ ! چا تہ توهان جو دماغ آهي ! لکي لکي. پُڇ جو ڪم ڪرڻ ڪو توهان کان سکي! ترسو 'مان ڊرائيور لاءِ خرچي ڪڍي اَچان.'

ڪمل کي لڳو منهنجي دماغ کي مفت جي شاباس ملي رهي آهي. بابا هيترو ٻئو ٿي ويو آهي. هيتري ڳالهہ مون کي اڳ چو نہ سُجهي! ۽ وري اڄ بہ مون کي ڪٿي سُجهي ! هي تہ پلو ٽئي سيٺ سترامداس جو، جنهن سمجهيو تہ مون کي بابا گاڏي گهرجي ! ڪمل خوش ٿيندي من ۾ چيو، هاڻي باباکي چوندس، اهي ڏينهن وري اَچي ويا بابا ! وري روز سئر ڪرڻ جا ڏينهن اَچي ويا! توهان وري باغيچي ۾ هلي مونکي گلن ۽ پکين جا نالا ٻڌائجو. هن جي دِل ٿي، هو باباکي گاڏيءَ ۾ وهاري ۽ بابا وري هڪ دفعو چوي 'شُڪر آ سائين! تنهنجون لک پلايون!'

هينا پاڻيءَ جو گلاس ۽ پنجاهہ جو نوٽ خرچي ڊرائيورکي ڏيندي چيو - 'ڀئياجي، يهہ آپکي ليئي هئہ !' وري گاڏيءَ جو ڪال بيل وڄائي خوش ٿي چيائين 'ترسو، توهان ببلوءَ جو ڌيان رکجو ۽ ڪُڪَر جي گئس بند ڪري ڇڏجو. مان باباکي تيارڪري بنڊي ۽ ٽوپي پارائي وٺي ٿي اَچان. پوءِ مان ئي باباکي سئر ڪرائيندس.'

'حق تي بابا تنهنجو ٻَدَرُ ڪڍندو آهي ! پُڇ لٽڻ ڪو توکان سِکي !' چوندي ڪمل ڪڍاندي طرف ويو.

50, Narayan Gardens,
off Gotri Road,
opp. Yash Complex,
Vadodara - 390021
e.mail : namdevtarachandani@gmil.com

بريڪ آهي. ڪاروانگر ننڍي هيڊ لائيٽ بہ آهي. ۽ ها، هن ۾ بارڪي بہ گهمائي سگهو ٿا. ان لاءِ وچ ۾ هڪ بيبي بورڊ چڪي سگهجي ٿو. بارءِ ٻڏا هڪ برابر!

مئڊم کي شايد اڃا بہ ڪجهہ ٻڌائڻ باقي هو. پر ڪمل مُنجهي بيهي رهيو هن کي سُجهي نہ رهيو هو. هيءَ تہ بابا گاڏي نہ پر بابا گاڏي آهي! هوُ تہ ببلوءَ لاءِ ..... هن کي اوچتو ٽيوب لائيٽ ٿي. هن جي منهن مان ازخود نڪري ويو - 'اَڙي واهہ! هيءَ تہ ڪم جي شيءِ آهي! اِٽ اِز موردئن گوڊ! توهان ٿاڏي گهرائي ڏيئي سگهندا؟'

مئڊم جڻ خوش ٿي ويئي. مسٽر ميرچنداڻي، توهان هيءَ گاڏي ڪنهن جي لاءِ وٺي رهيا آهيو؟ توهان جو فادر يا مدر يا .....

'ييس. ماءِ فادر. هيِ اِز ويري اولڊ پرسن.' ڪمل چيو.

'گاڊ بليس يو! توهان کي شاباس آهي. اڄ ڪلهہ جا ماڻهو بزرگن کي جيئري گنگا نديءَ جي ڪناري ڇڏي ٿا اَچن! توهان هنن کي سئر ڪرائڻ لاءِ ٿاڏي وٺڻ آيا آهيو. گاڊ بليس يوُ! NGO آهي. نہ تہ جيڪر مان توهان کان هڪ هزار روپيہ ڊپازٽ وٺڻ بدران هڪ هزار روپيہ انعام ڏيڻ چاهيان! پر هڪ فيور ڪري سگهان ٿي - توهان گاڏي اسان جي وئن ۾ کڻائي وڃو. بہ ٽي ڏينهن ٽراءِ ڪريو. پوءِ اَچي فارم ڀري ڊپازٽ ڏيئي وڃجو. گاڊ بليس يوُ!'

ڪمل کي لڳو، هوءَ بہ هن جي پيءُ وانگر دعائون ڏيندي ٿي رهي. ڏاڍي سباجهي مائي آهي. ڪمل کي فيصلو وٺڻ ۾ دير نہ لڳي تہ هو بلڪل صحيح جڳهہ تي آيو آهي.

جڏهن ئي وئن گهروٽ پهتي تہ هن جي پتني هينا اڳيان سُري آئي. ٿانڪ ڪولي عجب مان اکيون ڦاڙي نهارڻ لڳي! ڪمل کي وئن مان لهندو ڏسي، هن اُمالڪ چيو هيءَ وئن تہ اولڊ ايج هيلپنگ سينٽر جي آهي. ڇا توهان بابا کي اُتي رهائڻ ٿا چاهيو! توهان چئو تہ مان نوڪري ڇڏي ڏينديس!'

'اَڙي چري! ترس تہ سهين! هيڏانهن ڏس. هٿ اندر! هيءُ ڏس.' ڪمل هينا کي هٿ کان پڪڙي وئن جي پٺئين دروٽ وٺي آيو. هن وئن جو وڏو دروازو کولي ان مان فولڊ ٿيل بابا گاڏي ڪڍي کوليندي چيو:

لکيل ڪتاب : انگريزي

- Language, Education, Social Justice (1981)
- Plural languages, plural Cultures (1983)
- language, Culture & Nation building (1990)
- Tribal Identity (1991)
- Revisualising Boundaries: A Pluralingual Ethos (1996)
- Sindhi Heritage : The Dynamic of Dispersal (1997)
- Sindhi Studies : 1947-1967 (2000)

سنڌي

- سنڌي سماج ۽ ٻاشا وگيان (2001)
- انيڪانسواءِ ٻاشا وگيان سان واسطو رکندڙ گهڻئي مقالا لکيل
- گهڻئي ڪتابن جو سمپادڪ
- سنڌي انگريزي ڊڪشنري (1981) وغيره وغيره
- دنيا جي گهڻئي ملڪن جي ٻاشا وگيان سنستائن ۾ جدا جدا وڏا عهدا ماڻيل

انعام ۽ سنمان :

- سنڌي ٻوليءَ ۾ يوگدان لاءِ راشٽرپتيءَ وٽان 1985 ۾ شيلڊ عطا ٿيل
- ميڊيا انڊيا اوارڊ (1993)
- امريڪن بائگرافيڪل انسٽيٽيوٽ طرفان 'مئن آف دي ييئر' اوارڊ (2000)

سرنامو : 270, Sindh Society,
Ganesh Khind,
Pune - 411007



لڇمڻ خوبچنداڻي

پورو نالو	:	لڇمڻ مولچند خوبچنداڻي
جنم	:	19 سپٽمبر 1932
جنم آستان	:	ڪراچي (سنڌ)
تعليم	:	ايم. اي.(هندي، پنجاب يونيورسٽي) - 1956 ايم. اي. (ڀاشا وگيان، پينسلوانيا يونيورسٽي) - 1961 پي.ايڇ.ڊي.(ڀاشا وگيان، پينسلوانيا يونيورسٽي) - 1963
پيشو	:	آنرري ڊائريڪٽر، سينٽر فار ڪميونڪيشن، پوني

انڪانسواءِ

- ريڊر (ائسوسئيٽ پروفيسر)، سنڌي لئنگويج ڊپارٽمينٽ - پوني (68-1961)
- پروفيسر اِنڊين لنگسٽڪس - زگرب يونيورسٽي (1968-70)
- سينئر فيلو انڊين اِنسٽيٽيوٽ آف ائڊوانسڊ سٽڊي (شملا)
- پروفيسر اپلائيڊ لنگسٽڪس، ريجنل لئنگويج سينٽر (سنگاپور - (78 1977)
- ڪنسلٽنٽ، ايسٽ-ويسٽ سينٽر (هونو للو - هوائي (1973-77)
- انڪانسواءِ ولايت جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ليڪچر ڏنل

ڀاشا وگيان (Sociolinguistics)، آدمشماريءَ جي انگن اکرن جي اڀياس (Linguistic demography) ۽ ٻهوڀاشي ماحول ۾ ڪميونيڪيشن جي اَڀياس ڏانهن وڌيو. هن صاحب ڪيترن ڪتاب ۽ انيڪ مقالن ذريعي اهو ڄاڻائڻ جي سنجيده ڪوشش ڪئي آهي ته ٻهو سنسڪرتين جي ٻهوڀاشي ماحول ۾ جدا جدا ٻولين جي ڪهڙي ۽ ڪيتري اَهميت آهي؟ اُنهن جي وجود قائم رکڻ ۽ واڌاري لاءِ ڪهڙا عملي قدم کڻي سگهجن؟ اَهڙين اَهم ڳالهين جي هن صاحب تفصيلوار ڇنڊڇاڻ ۽ اُپٽار ڪئي آهي.

ڊاڪٽر صاحب شروع کان ئي سنڌي کوجنا ڪارين کي زور ونائڻ ۾ لڳل آهي. ’سنڌي کوجنا ڪيندر‘ جي اِستاپنا ڪرڻ ۽ ’سنڌالاجيءَ‘ جي نالي سان جرنل شروع ڪرائڻ جي ڪوشش ان جا مثال آهن. (اُڄتي هلي سنڌالاجي نالي سان سنڌ ۽ هند ۾ سنستائون برپا ٿيون. ان لفظ جو پهريون دفعو استعمال ڊاڪٽر صاحب ئي ڪيو.)

هن صاحب ڪيترن ئي سنڌي اڀياسين کي ڀاشا وگيان جي ڪيتر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ همٿايو ۽ سندن رهنمائي ڪئي. اُنهن ڀاشا وگياني نظرئي سان سنڌيءَ جو اَڀياس ڪري ڊگريون حاصل ڪيون ۽ پنهنجي پنهنجي طريقي سان ٻوليءَ کي وڌايو ويجهايو. هن نه فقط ڀاشا وگيانين کي همٿايو پر ٻين اديبن جي به رهبري ڪئي. جن مان هت ٻن جو ذڪر ڪرڻ بي جاءِ نه ٿيندو. سنه ١٩٥٧ ع ۾ نارايڻ پارٽيءَ جي ملاقات ساڻس دهليءَ ۾ ٿي جتي هو سنڌي لوڪ گيت گڏ ڪرڻ ويو هو. اُن زماني ۾ نڪو ٽيپ رڪارڊ هئا نه ئي ويڊيو گرافيءَ جي سهوليت؛ اُن حالت ۾ زباني ٻوليءَ کي لکت روپ ۾ ڪيئن آڻجي; لوڪ گيتن جي ڇنڊڇاڻ ۽ درجيبندي ڪئن ڪجي؟ اَهڙين تڪنيڪي ڳالهين بابت خوبچنداڻي صاحب سندس خوب مدد ڪئي. ساڳيءَ ريت جڏهن ريٽا شهاڻيءَ ادبي ڪيتر ۾ قدم رکيو ۽ مرهٽيءَ جي مشهور ڪوي شري ماڌگولڪرجي ”گيت رامايڻ“ جو هن نظماڻو ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو تڏهن ڊاڪٽر صاحب کيس نه رڳو ترجمي جي بنيادي اُصولن جي ڄاڻ ڏني پر سندس ترجمي جي هڪ هڪ سِٽ ڏيان سان پڙهي پنهنجا عالماڻا رايا ڏنا، جنهن سبب اُهو بهتر ترجمو بڻجي سگهيو.



ليک / ڊا. ڪنهيالعل ليکواڻي

جديد ڀاشا وگيان جو باني : پروفيسر لڇمڻ خوبچنداڻي

مشهور ڀاشا وگياني پروفيسر لڇمڻ خوبچنداڻيءَ (جنم ١٩٣٢ع) جو نالو عالمي سطح تي مڃانهون رهيو آهي.

ڀارت ۾ جديد ڀاشا وگيان جي اڀياس جي شروعات ويهين صديءَ جي پنجين ڏهاڪي کان ٿي. اُن کان اڳ فلالاجيءَ جي روايتي اُصولن جي آڌار تي ٻولين جو اڀياس ڪيو ويندو هو. خوبچنداڻي صاحب اُنهن ڀارتي اَڀياسين مان هڪ آهي جن جديد ڀاشا وگيان جي تعليم حاصل ڪري پنهنجي پنهنجي ڪيتر ۾ نئين نظرئي سان ٻولين جي اڀياس جي شروعات ڪئي. هيءَ صاحب ڊيڪن ڪاليج مان بنيادي ڀاشا وگيان جو اَڀياس پورو ڪري اوچ اَڀياس لاءِ اميريڪا ويو. اُتي هن سن ١٩٦١ع ۾ پينسوالنيا يونيورسٽيءَ مان ڀاشا وگيان ۾ ايم. اي. ڪئي. سندس ايم. اي. جو تحقيقي مقالو هو 'The phonology and morphonemics of Sindhi' جنهن ۾ پهريون دفعو جديد ڀاشا وگياني نظرئي سان سنڌيءَ جي اُچاري سرشتي ۽ روپ رچنا وقت لفظن ۾ ايندڙ اُچاري ڦيرن جو اونهو اڀياس ڪيو ويو آهي. اُن بعد هن اُتان ئي 'The Acculturation of Indian Sindhi to Hindi - A study of language in contact' تحقيقي مقالي تي سن ١٩٦٣ع ۾ پي. ايڇ. ڊي ڊگري حاصل ڪئي. هن مقالي ۾ سنڌي ۽ هنديءَ جي بناوت جو مشابهتي اڀياس پيش ڪندي ڀارت ۾ لڏي آيل سنڌين جي هنديءَ ۾ سمپرڪ ۾ اچڻ سبب سندن ٻوليءَ ۾ ايندڙ تبديل جو اڀياس پيش ڪيو ويو آهي.

اَڳتي هلي ڊاڪٽر صاحب جي اڀياس جو دائرو وسيع ٿيندو ويو. هن جي دلچسپيءَ جا موضوع ٻهو سماجي ۽ ٻهوڀاشي ماحول ۾ ٻولين ۽ سنسڪرتين ۾ ايندڙ بدلاو جي ڇنڊڇاڻ ۽ اُپٽار ڪرڻ بڻيا. ان ڪري سندس لاڙو سماجي،

همٿايو. ڪڇ جي لوڪ سنسڪرتي ۽ لوڪ ادب جي خيال کان سيني کان وڏيڪ ۽ معياري ڪم ڪرڻ جو شرف ڊاڪٽر جيني لالواڻي ۽ لهٽو. شري جينت ريلواڻي ۽ پڻ ڪڇ - ڪاٺياواڙ جي ساهت ۽ سنسڪرتي ۽ جو اونهو اَڀياس ڪيو آهي. هاڻي ڪڇ جا اَديب پڻ سنڌي ۾ لکڻ لڳا آهن. ان خيال کان ڪلاڌر مُتوا جي داخلا ساراهه جوڳي آهي. راجستان جي لوڪ سنسڪرتي ۽ ساهت جي اڀياس جي کيتر ۾ جن ڪم ڪيو آهي تن مان سيني کان مٿانهون درجو ڪومل ڪوٺاري ۽ جو آهي. ان کيتر ۾ ڊاڪٽر ڪشني ڦلواڻي ۽ جو پڻ ساراهه جوڳو يوگدان رهيو آهي. انهن علائقن ۾ اڃا گهڻو کوجهه ڪرڻ جي ڪافي گنجائش آهي.

جڏهن دادا جئرامداس دولترام جي ڪوشش سان ڊيڪن ڪاليج پوني ۾ سنڌي وڀاڳ برپا ڪيو ويو تڏهن ان جون واڳون خوبچنداڻي صاحب کي سونپيون ويون. شري مرليڌر جيٽلي به ان وڀاڳ ۾ مقرر ڪيو ويو. هتي سنڌي ٻولين جي مختلف پهلن تي کوجنا ڪاريه شروع ڪرڻ سان گڏو گڏ جامع - سنڌي انگريزي ڊڪشنري تيار ڪرڻ جو اَهم ڪم شروع ڪيو ويو. اِتي هلي اهي ٻئي ودوان ترقي ۽ جا ڏاڪا چڙهي ڊيڪن ڪاليج ڇڏي ويا. پر ڊڪشنري ۽ جو ڪم جاري رهيو. اهو ڪم پورو ڪرڻ لاءِ جن ودوانن پنهنجو يوگدان ڏنو تن مان مکيه آهن : ڊاڪٽر ستيش روهڙا، پريتم ورياڻي، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، گوورڌن شرما، ڊاڪٽر يشوڌرا واڌواڻي ۽ شريمتي پشپا گدواڻي وغيره. سندن ڪوشش سان هن ڊڪشنري ۽ جون اٽڪل ٦٥ هزار داخلائون تيار ڪيون ويون آهن جيڪي سلپن جي روپ ۾ مؤجود آهن. جڏهن ڊاڪٽر جينو لالواڻي راشٽريه سنڌي وڪاس پريشد جو ڊائريڪٽر هو تڏهن پريشد ۽ ڊيڪن ڪاليج جي سهڪار سان اِهي سلپون اسڪين ڪرائڻ جو ڪم مونکي سونپيو ويو جئن اهو انمول خزانو ختم نه ٿي وڃي. مون اُهي اسڪين ڪرائي سيڊيون تيار ڪرايون، جيڪي اَڄ به ڊيڪن ڪاليج ۽ پريشد وٽ مؤجود هونديون. ڊاڪٽر خوبچنداڻي ڪيتري وقت کان اهو ڪم نئين سر شروع ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ ان لاءِ هن ڊيڪن ڪاليج کي اَدائي لک روپيا به ڏنا آهن تنهن هوندي به ڪنهن به سرڪاري / غير سرڪاري اِداري جو ڌيان اِن ڏانهن ڪونه ويو آهي. اُميد ته ڊاڪٽر صاحب دوارا شروع ڪرايل اِهو ڪم اڄ نه سڀان ضرور پورو ٿيندو.

ڀاشا وگيان جو شاگرد ۽ سنڌيءَ جو اَڏياپڪ هجڻ سبب مون ڊاڪٽر صاحب سان ملاقات ڪان اڳ ئي سنڌيءَ سان واسطو رکندڙ انگريزيءَ ۾ لکيل سموري حاصل سامگريءَ جو سنجيدگيءَ سان اَڀياس ڪيو جنهن سبب سنڌيءَ جي بناوت ۽ اُن ۾ ايندڙ تبديلين ڪي چڱي نموني سمجهي سگهيس. اڳتي هلي سائنس دستوري ۽ غير دستوري ملاقاتن جو دور شروع ٿيو. سندس سڀاو جي ٻن خاصيتن منهنجو ڌيان ڇڪايو؛ پهرين دستوري طور پنهنجا عالماڻا ويچار پيش ڪرڻ وقت هيءُ صاحب ڪافي گنڀيرتا سان چڱي نموني پنهنجا ويچار پيش ڪري ٿو ۽ غير دستوري ماحول ۾ هر سنجيده ڳالهه هلڪن ٽهڪن سان (ڪڏهن ڪڏهن طنزي نموني) بنا ڪنهن ڏيکاءَ جي پيش ڪري ٿو. سندس ٻين وڏي خاصيت اها آهي ته هو عالمي سطح تي ايڏو وڏو مشهور ودوان هوندي به شخصي طور ڪافي رلڻو ملڻو ۽ 'ڊائون ٽو ارٿ' لڳي ٿو.

ڊاڪٽر صاحب جي سنڌيءَ جي ۽ خاص ڪري نج يورپ ڪان اُترجي ٻين هندن نئين سر اُسرجندڙ (transplanted) قوم بابت اَڀياس ۾ دلچسپي رهي آهي. سندس رايو آهي ته سنڌيءَ جو ڪيتر فقط سنڌ جي محدود جاگرافيائي حدن تائين نه سمجهڻ گهرجي. ورهاڱي سبب لڏي آيل سنڌي، ڪڇ ڪاٺياواڙ ۽ جيسلمير ۾ رهندڙ سنڌي ئي نه پر دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وسيل سنڌي هڪ وشوَ برادريءَ جا ڀاتي آهن. سچ ته انٽرنيٽ جي جديد دور ۾ ڪميونيڪيشن جي وڌيل سهوليتن زمين تي ڀاڱل سياسي ليڪن کي بي معنيٰ بڻائي ڇڏيو آهي.

شروع ڪان ئي ڊاڪٽر صاحب جو ان ڳالهه تي زور رهيو آهي ته ڀارت ۾ لڏي آيل سنڌين کي سنڌ ۽ ٻين ملڪن ۾ رهندڙ سنڌين سان گڏو گڏ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۽ راجستان جي سرحد تي رهندڙ سنڌي ڳالهائيندڙن سان پختا ناتا قائم رکڻ گهرجن؛ جو جو سنڌن جيوت ۾ سنڌ جي يورپ جي مهڪ موجود آهي. ان ڪري هن صاحب سنه ١٩٦٢ع ۾ روهڙا صاحب سان ڪڇ جو دؤرو ڪيو. ۽ وري ڪافي سالن بعد ڪڇ ۽ راجستان جي سرحد تي وسيل سنڌي ودوانن، فنڪارن ۽ عام لوڪن سان ملاقات ڪئي.

اڳتي هلي ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ ڪڇ جي ٻني علائقي ۾ رهي ٻوليءَ ۽ لوڪ ادب جي خيال ڪان قابل تعريف ڪم ڪيو ۽ ٻين کي پڻ ان لاءِ خوب

مقالو / پروفيسر لڇمڻ خوبچنداڻي

ترجمان : ڊا. ڪنعيالعل ليکواڻي

ٻوليائي ٿورائيءَ واريون قومون ۽ سنڌي وشو برادري

موجوده دور ۾ ملڪ ۾ ڪاروبار جي سڌارن ذريعي ٻولين جي استعمال جي سرشتن ۾ يڪسانيت آڻڻ جي ڪوشش جي باوجود ڀارت جي سيني صوبن ۽ مرڪزي علائقن ۾ ٿورائيءَ واريون ٻوليون ڳالهائيندڙن جو تعداد ملڪ جي سموري آباديءَ جو اٽڪل چوٿون حصو واهه جو ٿيندو. ٿورائيءَ وارن لوڪن جي انهن گروپن کي ٽلهي ليکي ٽن دفعن ۾ ورهائي سگهجي ٿو :

ا. اُهو گروپ جنهن جي ڳالهائيندڙن جي ٻوليءَ جو ملڪ ۾ (يا ملڪ کان ٻاهر) پاسيواري يا ڏوراهين تڪ ۾ زور رهي ٿو ۽ کين گهڻائيءَ واري ٻوليءَ جا حق حاصل ٿين ٿا. ان جو دارومدار ان ڳالهه تي رهي ٿو ته منجهن نج ٻولِيائي سماج بابت ڪيتري سجاڳي آهي. ساڳئي علائقي ۾ نه رهندي، ٻين آستانن ۾ ٽڙي پکڙجي وڃڻ بعد به پنهنجي پختي ڳانڍاپي ۽ ساموهڪ سجاڳپ جي ٻل تي پنهنجا حق حاصل ڪن ٿا. مثال؛ پاڪستان ۽ هندستان جي پنجابين جو چوٿون حصو پنهنجي ’گهر‘ جي ڪيتر کان ٻاهر رهي ٿو.

٢. اهو گروپ جيڪو ڪنهن هڪ لاڳيتي علائقي ۾ وسيل آهي پر اُن گروپ جا ڳالهائيندڙ هڪ کان وڌيڪ صوبن ۾ رهن ٿا. آديواسي قومون اِن دفعي ۾ اَچن ٿيون. ڀارت ۾ سنٿالي بهار (51%)، اولهه بنگال (33%) ۽ اوڙيسا ۾ (12%) رهن ٿا؛ ڪُرک بهار (48%) مڌيه پرديش (24%) ۽ اولهه بنگال (19%) ۾ وسيل آهن؛ ساڳي طرح ڀيل مڌيه پرديش (36%)، راجسٿان (34%)، مهاراشٽر (18%) ۽ گجرات (18%) ۾ رهن ٿا.

٣. اُهي ٻوليائي سموهه جيڪي هڪ ئي صوبي ۾ رهن ٿا، پر اُتي هو ٿورائيءَ ۾ آهن. انيڪ آديواسي قومون ان دفعي ۾ اَچن ٿيون.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي تحقيقي ڪتابن ۽ مقالن ذريعي عالمي سطح تي مقبوليت حاصل ڪري چڪو آهي. سندس ڪتابن مان مکيه آهن

Language, Education, Social Justice (1981)

Plural Languages plural cultures (1983)

Language culture and Nation Building (1990)

Revisulising Boundries : A plural Ethos (1996)

اِنهن تحقيقي ڪتابن ذريعي انيڪتا وادي سنسڪرتيءَ ۾ ٻولين جي واهپي ۽ اهميت جي وسيع ڪينواس ۾ جديد سماجي ڀاشا وگيان جي نظرئي سان ڇنڊڇاڻ ۽ اُپٽار ڪئي ويئي آهي. سندس (1991) 'Tribal Identity' ۾ ڀوڳياشي ماحول ۾ آديواسين جي موجوده ٻوليائي ۽ تهذيبي حالتن جو جائزو وٺندي پنهنجو وجود قائم رکڻ جي جدوجهد جو بيان ڪيو ويو آهي. 'Sindhi Studics 1947-1967 (2000) ۽ Sindhi Heritage (1987) ۾ سنڌي سنسڪرتي ۽ ٻوليءَ تي ٿيل ڪم جو اَڀياس پيش ڪيو ويو آهي.

اِنهن ڪتابن جي علاوه ڊاڪٽر صاحب جا انيڪ تحقيقي مقالا انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ شايع ٿي چڪا آهن. سينٽرل اِنسٽيٽيوٽ آف اِنڊين لئنگويجز مئسور سنڌس بيشقيمتي ٽڙيل پکڙيل مقالا سوڏي شايع ڪرائڻ جو ذمو کنيو آهي. اهو اهم ڪم انسٽيٽيوٽ جي ويسٽرن ريجنل لئنگويج سينٽر ڊيڪن ڪاليج ۾ جاري آهي. ڊاڪٽر صاحب جي نظرداريءَ ۾ ڪافي سامگري سمپادت ٿي چڪي آهي.

سنڌيءَ سان واسطو رکندڙ مقالا سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪرائڻ جي به ضرورت آهي. اهي سنڌي وشو برادريءَ کي جديد ڀاشا وگياني نظرئي سان سمجهڻ ۾ بيحد ڪارائتا ثابت ٿيندا. ان ڪم جي شروعات مان هڪ مقالي سان ڪري رهيو آهيان جيڪو هن پرچي ۾ ڏنو ويو آهي. اِهو مقالو نه فقط سنڌس وسيع ۽ اونهي سوچ جي تصديق ڪندو پر ڪيترن کوجنا جي پانڌيئڙن ۾ ان سنجيده کيتر ۾ داخل ٿيڻ جي چاهنا پيدا ڪندو.

Bld. No. F-5. Flat No. 3,
Hermes Heritage Nagar Road,
Pune - 411006

پاڪستان (اين ڊبليو ايف ۽ بلوچستان) ۾ پشتو؛ بنگلاديش ۽ ڀارت (ترپورا، مزورام ۽ آسام) ۾ چڪما وغيره اهڙا ٻوليائي سموهه آهن جيڪي انهن علائقن جي سرشتي ۽ ٻوليائي ويچارڌاران ذريعي پاڻ ڏانهن ڇڪي آڻڻ جي دٻاون جي حالتن ۾ نج پڇاڻ قائم رکڻ لاءِ جدو جهد ڪري رهيا آهن.

اڄ معلومات تڪنيڪ جي آمد 'ڄاڻ ۽ تهذيب' جي ڪيترن جي ضرورتن جو پورائو ڪرڻ جون سهوليتون مهيا ڪرائي رهي آهي. هن وقت اسين سنچار جي اُن دؤر ۾ داخل ٿي چڪا آهيون، جنهن ۾ ٽڙيل پکڙيل تهذيبي سموهه آمدرفت جي وسيلن ۽ اليڪٽرانڪ نيٽورڪ جي موجودگيءَ ذريعي پنهنجي برادريءَ جو حصو بڻجڻ جا طريقا ڳولهي رهيا آهن.

جاگرافيائي حدن کان ٻاهر رهندي به منجهن وطن پرستيءَ جو جذبو پيدا ڪري، تجارتي ناتن ۾ پختگي آڻي سموري دنيا جي جدا جدا ملڪن ۾ رهندڙن NRIs کي ڀارتي مول جا لوڪ ڄاڻائيندي ايڪتا جي ڏور ۾ پوئڻ جون پُر زور ڪوششون جاري آهن. اها حقيقت گلوبلائزيشن جي مؤجوده ماحول ۾ اِندرسن جي 'ڏورانهين راشٽريتا (long-distance-nationalism) جي ويچار سان نهڪي اَچي ٿي.

موجوده معلومات جي مختلف آسان طريقن جئن ته ويب سائيٽ، شخصي هوم پيج ۽ نيٽورڪ بين ساڌنن جي ماڌيمن سان عالمي سطح تي 'سائبر اِسپيس' خلقجي چڪو آهي. ايندڙ وقت ۾ قدرتي ويجهڙاين جئن ته پاڙو، اسڪول، ڳوٺ ۽ مهانگر وغيره سان جڙيل روايتي وسيلن ۾ مددگار ثابت ٿيندو يا وري انهن جي جاءِ والاري ڇڏيندو. اُنهن پيشيوار سنگهٽن ۽ شيواڌاري سنسٿائن جن جي ڪمن جو دائرو وسيع ٿيندو پيو وڃي، تن منجهه آپسي سمپرڪ جي اِن ذريعي جو اِستعمال وڌندو پيو وڃي. اڪيڊمڪ ڪيترن جئن ته ڏورانهين تعليم، غير دستوري تربيت ۽ ٽيليڪانفرينسنگ وغيره ۾ نيٽورڪ جون سهوليتون مهيا ڪرائڻ لاءِ ذخيرو ڪنو ڪرڻ لاءِ دستاويزيڪرڻ ۽ وڪير جي ڪارين جي اُپيوگتا جي ضرورت محسوس ٿي رهي آهي.

جيڪو ٻوليائي سموهه پنهنجي اصلوڪي پوءِ ڇڏي وڃي ٻين آستانن تي وسڻ جي باوجود بہ نج ذات، مذهب ۽ تهذيب سان لاڳاپو قائم رکي ٿو ان سموهه کي ساڳي برادري (diaspora) ڪوٺيو وڃي ٿو.

تاريخي نظرئي کان ڏسجي تہ سڄي يوروپ ۾ ٽڙيل پکڙيل يهودي سماج (اِسرائيل جي اِستاپنا (1948 کان اڳ)، روماني ۽ ٻيون گهومون ذاتيون ان قسم جي برادرين جا عمدا مثال آهن. ان قسم جا ٻوليائي سموهه پاڻ ۾ منووگياني / تهذيبي ڳانڍاپن سان ڳنڍيا پيا آهن.

لڏپلاڻ جي شروعاتي اپياسين 'diaspora' اُنهن تهذيبي سموهن لاءِ استعمال ڪيو جيڪي پنهنجي اَباڻي وطن کان دور وڃي وسيا هجن؛ جئن تہ ڪجهہ صديون اڳ قرارناما ڪري ڀارت جا مزوروڃي مارشيس، فجي ۽ ويسٽ اِنڊيز وڃي وسيا. اَڄتي هلي اِن لفظ جو استعمال اُنهن واپاري سموهن لاءِ (ڀيل سندن لوڪن جو تعداد گهٽ هو.) ڪيو ويو جيڪي هندي مهاساگر جي ڪنارن جي (گلف ۽ آفريڪي) ملڪن، ڏکڻ اوير ۽ ڏورانهن اوير جي ملڪن ۾ لڏي ويا.

ڀارت ۾ ٻولين جي آڌار تي صوبن جون نئين سرحدون مقرر ڪرڻ (1956) سبب پنهنجي 'گهر' جي ڪيترڪان ٻاهر رهندڙ ٻوليءَ جي آڌار تي ٺورائيءَ وارا ٻڻجي ويل لوڪن جو ان نظرئي سان اپياس ڪرڻ ڪافي دلچسپ ۽ ڪارائتو ثابت ٿي سگهي ٿو. اُهي کهڙيءَ ريت نج ٻوليائي براديءَ سان ڳنڍ ڳانڍاپا قائم رکي سگهيا آهن. مثال، دهلي ۽ ممبئيءَ ۾ وسيل تامل؛ ۽ شري لنڪا ۽ ٻاڙي جي ملڪن ۾ لڏي ويل تامل.

ڀارت جي ورهاڱي (1947) ۽ اُن بعد پنهنجا گهر ڇڏي هڪ صوبي کان ٻئي صوبي جي شهرن ۽ ڪارخانن وارن علائقن ۾ وڃي وسندڙن جي تعداد ۾ تيز رفتار سان آيل واڌِ سبب جدا جدا ٻوليائي برادرين کي نين حالتن سان منهان مُنهن ٿيڻو پيو آهي؛ جئن تہ بنگلاديش ۽ ڀارت (بنگال ۽ ترپرا) ۾ بنگالي؛ اولهہ پنجاب (پاڪستان) ۽ پنجاب - هرياڻا (ڀارت) ۾ پنجابي؛ سنڌ (پاڪستان) ۽ اُتر وچ هندستان جي شهري علائقن ۾ سنڌي؛ افغانستان ۽

پڪتي تاڃي پيتي واري علائقي سنڌ ۾ وسيل ورهاڱي سبب تارتار ٿيل قوم ٽُڪرين ۾ پيڙا جي ڏؤر ڪان گذري اڄ پاڪستان ۽ هندستان (جن جا ناتا هميشه تناو ڀريا رهيا آهن) ۾ انهن ملڪن ڪان ٻاهر وچي وسيل قوم نج تهذيبي پڇاڻ قائم رکڻ لاءِ بيحد سجاڳ رهي آهي. ڀارتي اُپ مهاکنڊ جي ڏيڍ سو ڪروڙ ڪان ٻه وڌيڪ آباديءَ جي وشال ساگر ۾ ان جو تعداد اَڍائي ڪروڙ مس ٿيندو.

هن قوم جا اَسي سيڪڙو لوڪ پاڪستان ۾ پنهنجي ئي زمين تي پنهنجا بنيادي حق حاصل ڪرڻ لاءِ جدو جهد ڪري رهيا آهن ۽ باقي ٻين هنڌ وچي وسيل ويهه سيڪڙو اَڌ صديءَ ڪان ٻه اڳ ورهاڱي جي حادثي جا شڪار سنڌي پاڻ ڪي نئين ماحول ۾ ٺهڪائڻ ۾ رڌل آهن. ڀارت ۾ ان قوم جو وڏو حصو (ڪڇي، ٿري ۽ جيسلميري) سرحدي علائقن ۾ نج ٻوليءَ تي وسيل آهي.

ڀارت ۾ ٽڙي پکڙجي ويل ان قوم جي تهذيبي ورثي/ وراثت اَهميت سان واسطو رکندڙ قوتن جا مختلف سوال 'سمجهڻ' هڪ وڏي للڪار آهي. هت لڏي آيلن ۽ سرحدن تي اڳ ۾ ئي وسيل سنڌين جي آبادي ڀارت جي ڪل آباديءَ جو 0.3% مس ٿيندي؛ جنهن ڪي 'مائڪرو سڪوپڪ مائنارٽي' ڪوٺي سگهجي ٿو يا يعني اِها اَٽي ۾ لوڻ برابر آهي. نج سياسي، ٻوليائي ۽ ادبي پڇاڻ ڪوئجي وڃڻ سان واسطو رکندڙ مسئلن بابت منجهن ڪافي سجاڳي آئي آهي.

ساڄها سنسڪرتيءَ جي خيال ڪان، جئن ته ورثي/ وراثت بابت اڪثر شخصي سطح تي پسنديءَ ۽ عليحدگيءَ جا سوال پيدا ٿين ٿا ته ڇا هن برادريءَ ڪي عالمي سطح تي هڪ سموري قوم مڃجي يا مڪاني ماحول موجب عليحدي ورثي جي ڳوڻ سموهن واري قوم ليکجي؟

ا. ڀارت ۾ رهندڙ ڪي سنڌي اڳوان اڄ ٻه ورهاڱي ڪان اڳ واري پاڻ ۾ پڪتي نموني ڳنڍيل، سانڊيل 'خالص (undiluted)' سنڌيت ڪي اَهميت ڏين ٿا ۽ ائين سوچين ٿا ته فقط ان ذريعي ئي ڀهلتا واري ڀارت ۾ 'هوملينڊ' حاصل ڪرڻ جو سپنو ساڪار ٿي سگهندو !! ٻئي پاسي وري عام طور سنڌين ڪي لڳي ٿو ته پنهنجي اِشٽ ديو جهوليلال جي مهما ڪي لوڪپريه ٻڻائي، روحاني

’نا مقرر جاءِ‘ جتي جاگرافيائي حدون بي معنيٰ بڻجي وڃن اُن کي سائبر سپيس ڪوٺي سگهجي ٿو. جڏهن تازو ترنداد ۾ جوڙيل ’ترندادیشور‘ شِوَ جو مندر عالمي سطح تي هندو سڃاڻپ جو پوتر آستان پاڻ ۾ بي مثل آهي. اِن قسم جون ڪوششون پاڻ ۾ گڏجي ’وشو ڳوٺ (global village)‘ ۾ رهڻ جي راهه ڏيکارين ٿيون. سائبر سپيس ۾ رچناتمڪ نموني حصيدار بڻجي مختلف صوبن ۽ ملڪن ۾ ٽڙيل پکڙيل قومن ۾ ساڳي ۽ برادري ۽ جي جُڙاو جو احساس پيدا ڪرڻ جي راهه جوڙي سگهجي ٿي.

سائبر سپيس جي قوتن جي خاصيتن کي ظاهر ڪندي Barlow اِن نئين قسم جي برادري ۽ ’ورچئل‘ (Virtual) سماج جا ڪي ضروري عناصر ڄاڻائيندي چوي ٿو ته اِن ۾ زمان ۽ مڪان جي ويڇوڙائي ۽ لاڳيتائي جي غير موجوگي هوندي به ملهن جي نظام ۽ مجموعائي سرمائي سان گڏو گڏ سنڪٽ ۾ به ڀاڱي ڀائي هجڻ جي جذبي سان آپسي سمپرڪ ۽ جڙاءُ قائم رکڻ جي چاهنا رهي ٿي. ان حوالي ۾ رنجيت مکوني ’معلومات‘ ۾ رشتن جي سڄيوَ ماحول جي ڪمي رهي ٿي جڏهن ڪِ ’آزمودي‘ ۾ اهو عناصر موجود رهي ٿو. ان نئين ڍانچي ۾ اسان کي سائبر اسپيس جي حدن جي مسئلي کان بچڻو پوندو. ’ورچئلتي‘ ۾ وقت گذارڻ سان پنهنجو آستان نه ڇڏيندي مختلف سطحن ۾ اُڀتي پنتي وڃي حقيقي سڃاڻپ ۽ جي وڏيڪ ڪشادگي ۽ پريل ساراهه حاصل ڪري سگهون ٿا.

پکڙجي وڃڻ جي آزمودي جي ڀهلتا ۽ گهومو هجڻ جي خاصيت مول آستان جي محدود سوچ کان ٻاهر ڪڍي تخليقي رچنا کي وسيع بڻائي سگهي ٿي. ان رچنا ڪار جي نج پوڻ ۽ سان گهري سنويدنشيلتا سبب سندس رچنا ۾ (هڪ سپاويڪ نئون ۽ پيو جنم ۾ مليل) لوڪن جي وچ ۾ گفتگو بڻجي وڃي ٿي.

سنڌي برادري : هڪ اُپياس

سڄي دنيا ۾ ٽڙيل پکڙيل سنڌي قوم جنهن کي سنڌي برادري ڪوٺيو وڃي ٿو، هڪ ربي مثل تصوير پيش ڪري ٿي. صدين کان يڪسانيت جي

تعداد جاٽايل تعداد کان ڪافي وڌيڪ هوندو. غير سرڪاري سطح تي سروي ڪرائي حقيقي انگن اکرن جو پتو لڳائڻ ڪمپيوٽرائيزيشن جي هن دور ۾ ڪو ڏکيو ڪم ڪونهي رڳو ضرورت آهي اِچا شڪتيءَ جي - ترجمان]

هتي ڀهوياشي ڀارت ۾ لڏي اَچي وسي ويل سنڌين بابت جن ڳالهين خاص ڌيان لهڻو سي آهن :

ا. شهريڪرڻ (urbanisation) : سنه 1981ع ۾ آدمشماريءَ جي انگن اکرن موجب ڀارت ۾ سنڌي 76.7% شهري ۽ 23.3% ڳوٺاڻا هئا. انهن مان جيڪي شهري ناهن اُهي ڪڇي ۽ جيسلميري آهن. هت لڏي آيل ٿورا سنڌي ڀهراڙيءَ ۾ رهن ٿا.

٢. سو سيڪڙو پڙهيل ڳڙهيل (Near - universal Literacy) : ڀارت ۾ رهندڙ ٻين لوڪن جي ڀيٽ ۾ سنڌين جي حالت بهتر آهي. هو سڀ پڙهڻ لکڻ ڄاڻن، جيڪو سپنو ڀارت کي اَڃا پورو ڪرڻو آهي.

٣. ٻه ڀاشائي سنويدنشيلتا (Bilingual Sensitivity) : اڄ ڀارت جو هرهڪ سنڌي پنهنجي مادري زبان جي علاوه گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٻي ٻولي (گهڻي ڀاڱي هندي ۽ ڪيترين حالتن ۾ انگريزي يا اُها صوبائي ٻولي جتي هو رهي ٿو) سمجهي ۽ ڳالهائي سگهي ٿو.

ڀارت جي ڀهوياشي ماحول ۾ رهندڙ سنڌين دواران پنهنجي سڃاڻپ قائم رکڻ سان واسطو رکندڙ ٽي ڳالهيون اهم آهن : ا. اصلوڪي پڇاڻ سان لاڳاپو ڏيکاريندڙ مزاج، جهڙوڪ ته ورثي ۾ مليل روايتون ٢. ڪن خاصيتن جو رواج، جهڙوڪ ته ٻوليءَ جو سڃاڻپ سان ناتو، اِن سموهه يا شخص جي مقصدن موجب سنويدنشيلتا کي عام طور ڇڏي ڏنو وڃي ٿو. ٣. ڪنهن خاص سڃاڻپ سان جڙيل رهڻ جي واعدي يا وفاداريءَ جي دارومدار موجب (۽ پوري طرح نه) يا وري ڪيترا دفعا مرضيءَ تي ڇڏيل ۽ شراڪتي (non-exclusive) رهي ٿو.

هتي جي سنڌين جي ٻوليائي چونڊ جو جائزو وٺڻ سان خبر پوي ٿي ته دستوري وهنوار ڪيترن (جهڙوڪ ته پيشيور ڪم، سرڪاري ڪاروبار، ڪورٽ

رهبرن، نڪاٽن ۽ سانسڪرتڪ سنستائن جي سات سان ٻين جي سمپرڪ ۾ آيل (acculturd) سنڌي جيوت جنهن کي مان 'سنڌيپڻو' ڪوٺيان ٿو، تنهن ذريعي ئي پنهنجي علحدي سڃاڻپ قائم رکي سگهجي ٿي.

٢. ورهاڱي بعد سنڌ ۾ ڪافي سنجيدگيءَ سان ان ڳالهه تي ويچار ڪيو پيو وڃي ته ڇا ڪين پاڪستان جي بانيڪارن جي عالمي اِسلام جي سموهه ۾ شامل ٿيڻ جي سپني کي سويڪار ڪرڻ گهرجي يا اُن قديم سنڌو ماتريءَ جي سڀيتا کي اپنائڻ گهرجي جنهن ۾ سنڌوءَ جي ڪناري ويد رچيا ويا ۽ وچين دور ۾ ڪٽرپنٿي اِسلامي ويچاردارا کي اُدارتا عطا ڪري صوفي مزاج کي مقبول بڻايو ويو.

٣. ٻين ملڪن ۾ وڃي وسيل سنڌي (جن جو تعداد ٿورو هوندي به اٽڪ لڳ ڀڳ وڏيڪ آهي) سنڌي 'ڪلچرل اِنڊسٽريءَ' جي وڪاس (پرنٽ ۽ ماس ميڊيا ۽ گهراَڇي پنهنجي گهرجي سانسڪرتڪ ڏؤرن ذريعي)، ٻين ملڪن جي آچار وهنوار جي تصديق ڪندي آدرشي 'سنڌيت' جي نج علحدي سڃاڻپ قائم رکڻ ۾ سمرٿ بڻجن ٿا.

سنه 1981ع ۾ ڀارت جي آدمشماريءَ جي انگن اکرن موجب هت تن ضلعن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد هڪ لک کان وڌيڪ هو: گجرات جي ڪڇ ۾ 4 لک 9 هزار، مهاراشٽر جي گريٽر ممبئيءَ ۾ 1 لک 95 هزار ۽ ٿاڻي ۾ 1 لک 40 هزار. ان جي علاوه لڳ ڀڳ آيل سنڌي 60 کان به وڌيڪ ضلعن ۾ ٽڙيل پکڙيل هئا. انهن مان هو گهٽي ڀاڱي اولهه ۽ اُتر- وچ ڀارت ۾ وسيل هئا. گجرات جي 13، مهاراشٽر جي 16، مڌيه پرديش جي 14، راجستان جي 11 ۽ اُتر پرديش 2 ضلعن ۾ وسيل هئا. دهليءَ، بئنگلور، مدراس (هاڻي چنئي)، حيدرآباد ۽ ڪلڪتا مهانگرن ۾ جهجهي تعداد ۾ وسيل هئا.

[آدمشماريءَ جي انگن اکرن موجب ڀارت ۾ رهندڙ سنڌين جو تعداد هن ريت آهي: سنه 1951 ۾ 12.5 لک؛ 1961 ۾ 13.7 لک؛ 1971 ۾ 16.8 لک؛ 1981 ۾ 20.4 لک؛ 1991 ۾ 21.23 لک؛ ۽ 2001 ۾ 25.35 لک. سنه 2011 جا انگ اکر اجا ظاهر ڪونه ٿيا آهن. ڪيترن جو رايو آهي ته ڀارت ۾ سنڌين جو

هندستانيءَ جو استعمال به ٿيڻ لڳو. ان کان سواءِ پنهنجي پنهنجي حدن ۾ سرائڪي (ملتاني)، بلوچي، بروهي، گجراتي ۽ مارواڙي ٻوليون به ڳالهايون وينديون هيون.

مختلف سمودائن ۽ زميندارِي سرشتي واري سماجي ڍانچي واري سنڌ صوبي ۾ جدا جدا مذهب (مسلم، هندو، سک) ۽ طبقا (عامل، ڀائيبند، وڏيرا وغيره) پاڻ ۾ سنڌي ٻوليءَ ذريعي ڳنڍيا پيا هئا، منجهن اُتر- وچ ڀارت جي کڙي ٻوليءَ واري ڪيترجيان اُردو ۽ هندي نالن جي آڌارتي ڪنهن به قسم جو متڀيد پيدا ڪونه ٿيو هو.

ورهاڱي بعد سنڌ مان هندو سنڌين جي لڏي وڃڻ ۽ اُتي مهاجرن، پٺاڻن، پنجابين جي اَچي وسڻ سبب سنڌ جو يڪياشي ماحول ختم ٿيڻ جي حالت تي رسڻ لڳو، ڀارت ۾ آسام جي حالت لڳ ڀڳ ساڳي ٿي. سنڌ جا سمورا شهري علائقا پوري طرح مهاجرن واري ڇڏيا. سنه ١٩٥١ع جي آدمشماريءَ موجب ڪراچيءَ ۾ %50، حيدرآباد ۾ % 66، سکر ۾ % 54، ميرپورخاص ۾ % 68، نوابشاه ۾ % 55، ۽ لاڙڪاڻي ۾ % 35، تعداد مهاجرن جو ٿي ويو. مذهب جي خيال کان ڏسجي ته سنه 1941ع ۾ ڪراچيءَ ۾ % 42 مسلمان، % 48 هندو، % 3.3 پٺتي پيل ذاتيون، % 2.7 ڪرستان، % 1.3 سک، % ١ پارسي، % 0.9 جين ۽ % 1.2 ٻيا رهندا هئا. پر سنه 1951ع ۾ ڪراچيءَ ۾ % 96 مسلمان، % 1.6 هندو ۽ ٻيون پٺتي پيل ذاتيون، % 1.6 ڪرستان، % 0.5 پارسي ۽ % 0.1 ٻيا رهندا هئا. اِن ريت ڏسجي ته سڄو ڪراچي شهر پوري طرح مسلم شهر بڻجي ويو.

سنه 1981ع جي آدمشماريءَ موجب سنڌ جي 13 ضلعن مان فقط 5 ضلعن ۾ سنڌين جو تعداد % 80 هو :

ٺٽو % 92، شڪارپور % 86، بدين % 81.6، دادو % 81.5 ۽ خيرپور % 80.5

باقي ٻين ضلعن جا انگ اکر هن ريت هئا :

لاڙڪاڻي ۾ %78 سنڌي، %7 بلوچي، % 6 بروهي، %5 سرائڪي؛ سکر ۾ % 78 سنڌي، %13 اُردو، % 6 پنجابي. ٿرپارڪر ۾ % 72 سنڌي، % 8 اُردو، %6 پنجابي.

ڪچهري، واپار ۽ مسافر وغيره) ۾ هو سنڌيءَ بدران هندي يا انگريزي ڪتب آڻين ٿا. اڄ ڪلهه سنڌين جي آواجاهي ڀارت جي مختلف علائقن ۽ ٻين ملڪن ۾ تمام تيزيءَ سان وڌي رهي آهي؛ اِن سبب سنڌين جي ٻينءَ ۽ ٽينءَ پيڙهيءَ جي ٻوليائي استعمال جي ڪيتر ۾ ڏيان ڇڪائيندڙ ڦيرو آيو آهي. اهي اڪثر انگريزي يا هندي ۽ ڪن حالتن ۾ ٻيون صوبائي ٻوليون ڪتب آڻين ٿا.

هو نج ٻوليءَ جو استعمال پنهنجي سڃاڻپ، فائدي ۽ سهوليت (جيئن تہ ڀارت جي حوالي ۾ ڀوڀاشي لوڪن دواران ٻئي ٻوليون ڪتب آڻڻ، وچ وچ ۾ ٻين ٻولين جا لفظ ۽ جملا ڪتب آڻڻ وغيره) موجب ڪندا آهن. ڀارت ۾ ٻہ ڀاشي مسلمان مذهبي ۽ علائقائي سڃاڻ ڄاڻائڻ وقت ان سهوليت جو فائدو وٺن ٿا. ائين بہ ڏٺو ويو آهي تہ ٻہ / ٻهوڀاشي سنڌين ۾ نج ٻوليءَ بدران هندي انگريزي يا صوبائي ٻولين ۾ ڇپجندڙ اخبارون، رسالن ۽ ڪتاب پڙهڻ جي عادت تيزيءَ سان وڌي رهي آهي.

هت لڏي آيل ۽ ورهاڱي بعد هت ڄاول سنڌي ليکڪ پاڻ کي 'جلاوطني' ڀوڳڻ جي ڳالهہ هلڪي سُر ۾ اِظهارين ٿا پر هو نج 'خالص' سڃاڻپ جي سنويدنشيلتا جو بيان نہ ٿا ڪن. رچناڪارن جو ماضي انيڪ روپن ۾ چوٽ رسائي ٿو جيڪو لازمي طور سندن تخليقي اِظهار کي گڏيل مسيل بڻائي ڇڏي ٿو. نج پونءَ ڇنجي وڃڻ بعد گهٽي ڀائي سنڌي مختلف آستانن کي پنهنجو سمجهي سموري ڀارت ۽ اُن کان ٻاهر آستانن کي اپنائي سنڌي سيتا جي آڪانکيائون پوريون ڪري سگهن ٿا.

قوم جي وجود قائم رکڻ جي خيال کان سنڌ جي سنڌين منجهہ ٻوليائي رابطي ۾ پڻ تمام وڏو ڦيرو نظر اچڻ لڳو آهي. ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي يڪڀاشي ماحول سبب روزمره جي هر ڪيتر ۾ سنڌيءَ جو درجو مٿانهون هو. اتي ٩٠% لوڪ سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائيندا هئا، جيتوڻيڪ ڪن شهري علائقن ۾ آزاديءَ جي سنگهرش دوران سِوديشي هلچل سبب سمپرڪ ڀاشا جي روپ ۾

اها ٻولي ڳالهائيندڙ مول يونءَ تي رهندڙن ۽ ٻاهر وسيل لوڪن دواران نيٽورڪ جو فائدو حاصل ڪرڻ جي سهوليت يعني سائبر اِسپيس.

جدا جدا آستانن تي رهندڙن جي گتيشيلتا (dynamics) هندستان توڙي پاڪستان جي ڪن ليکڪن جي بيچينيءَ جا جذبا سندن رچنائن ۾ چٽي نموني نظر اَچن ٿا. آشاوادي نظرئي سان ڏسجي تہ ٻهو سماجي ماحول ۾ رهندڙ سنڌي ليکڪ جا ٻهوپاشي آزمودا ڪيس دائمي جلاوطنيءَ جي درد پرئي جذبي کان آجو ٿيڻ ۾ سمرٿ بڻائيندا ۽ منجهس اوچ شفي احساس پيدا ڪندا.

اَجا ڪچڙو آهہ سو
مڇي ٿو جو منو نج ديس،
پختو بڻيو آهہ سو
هرپونءَ جنهن لاءِ نج ديس،
پرپورن پُرش آهہ سو
سمورو جڳ جنهن لاءِ پرديس. - هيوگ

نج وطن تياڳي، هرهنڌ وسجي ويل سنڌي برادري، اڄ ايڪيهين صديءَ ۾ سنچار جي آڳاهن ۽ وجهن سان منهان منهن ٿي رهي آهي. ’نيٽورڪ‘ جي قوتن ذريعي اِها اُدمي برادري ’سوچجي عالمي سطح تي، ڪم ڪجي مڪاني سطح تي‘ واري اصول تي هلي پارت ۾ توڙي ٻاهرين ملڪن ۾ رهندڙ پاتين منجهہ پختو ڳانڍاپو قائم رکندي پنهنجا سپنا ساڪار ڪري سگهي ٿي، نج سپيتا جون اُميدون پوريون ڪري سگهي ٿي، ان وشو برادريءَ کي نئين معنيٰ عطا ڪري سگهي ٿي.

[The Administrator Vol XLIII 1998 ۾ شايع انگريزي مقالي جو سنڌي ترجمو]

Bld. No. F-5. Flat No. 3,
Hermes Heritage Nagar Road,
Pune - 411006

باقي ٽي ضلعا ٻهو ڀاشي بڻجي ويا ۽ حيدرآباد % 56.5 سنڌي، %28 اُردو، باقي ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ سانگهڙ % 56.1 سنڌي، %11 اُردو، %9 پنجابي ۽ باقي ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ. خود سنڌ جي راڄڌاني ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٿورائيءَ واري ٻولي بڻجي ويئي.

ٽڙي پکڙجي ويل جهجهي تعداد ۾ سنڌي هندو (گهٽي ياگي ڀائيبند) ۽ سنڌي مسلمان (ڪڇي، خواجا، ميمڻ) صدين کان ڪاڙيءَ، ڏکڻ - اُتر ايشيا، اُتر آفريڪا جي ڪنارن تي وڻج واپار سانگي وڃي وسيا آهن. ڪين سنڌ ورقي ڪوٺيو وڃي ٿو. تازو ڪجهه ڏهاڪن کان وڏي تعداد ۾ سنڌي يو. ڪي.، يو.ايس.اي.، ويسٽ انڊيز ۽ آسٽريليا وغيره ۾ وڃي وسيا آهن. دنيا جي سيني ڪيترن ۾ ٽڙي پکڙجي ويل اهي سنڌي نج تهذيبي سڃاڻ قائم رکڻ جي مسئلن ڏانهن سنجيدگيءَ سان ڌيان ڏيڻ لڳا آهن.

ڏسجي ته هڪ هنڌ وسيل سنڌين جي جنم ڀومي سنڌ جتان ڪيس ورهاڱي سبب لڏڻو پيو، جنهن کي اسين 'اسانجي سنڌڙي' ڪوٺي ياد ڪندا رهون ٿا، اُها سڀ نه رهي آهي. خالص ويڙهي واري اهڙي سنڌ هاڻي 'سونهري ورثو' بڻجي چڪي آهي.

جيتوڻيڪ مان سانسڪرتڪ اُنڌرتا جي اُصول ۾ آستا نٿو رکان، تنهن هوندي به ان اُنڌرتا جي بيحد ڀاري ڪشش وساري نٿي سگهجي. وسيع قسم جي سنڌي برادريءَ جي ان حقيقت لاءِ چئي سگهجي ٿو ته 'ڏڏو ڪير ٽٽين نه پوي.'

پکڙيل سنڌي برادريءَ جي ٻوليائي ووڏتا ان حقيقت جي پختي تصديق ڪري ٿي ته ڪنهن به ٻوليائي سماج جي آپسي جڙاون ۽ حدن کي زمان ۽ مڪان جي پئماني تي علحدي نظرئي سان ڏسي سگهجي ٿو. پرتيڪاتمڪ روپ ۾ چئي سگهجي ٿو ته انسان ويڇن جي مختلف سطحن تي جيئي ٿو. آپسي جڙاوَ جو احساس، ان سماج جو آڌار هيٺين ڳالهين ذريعي ڄاڻي سگهجي ٿو:

ان سماج جي ڀاتين منجهه آپسي سمپرڪ جي گهاٽائيءَ (density) ۽ شدت intensity) ذريعي نظر ايندڙ ڪميونٽيرئن اسپيس.

سياسي ڍانچي ۾ اُن ٻوليءَ جي تسليم ۽ خاص سهوليتن جو بيان ۽ سرڪار دواران اُنهن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ حقيقي علائقو (فزيڪل اسپيس).

هنگوراڻيءَ جي ’ادو عبدالرحمان‘ (۱۹۳۰)، آسانند مامتورا جي ’ڪڪي يا ڳنوارڻ‘ (۱۹۴۳) ۽ ليکو تلسياڻيءَ جي ’منجري ڪولھڻ‘ (۱۹۴۷).

اڄ کان ھڪ سؤ سال اڳ ۱۹۱۴ ۾ شايع ٿيل لعلچند امرڏنيمل جي ڪھاڻي ’حُر مَکيءَ جا‘ کي شلپ ڪلا جي ڪسوٽيءَ تي ڪري، سنڌيءَ جي پھرين ڪھاڻي مڃيو ويو آھي. ھن ڪھاڻيءَ کي آڌار بڻائي گوبند مالھيءَ ھڪ ناول ’جن سوري پانئين سيج‘ (۱۹۵۹) لکيو ھو. لعلچند امرڏنيمل اھا خواھش ظاھر ڪئي ھئي تہ ڪاش سندس ڪھاڻيءَ جي ڪردار بچو بادشاھ جي اھا مختصر ڪھاڻي مڪمل ناول جو روپ اختيار ڪري. پنھنجي بزرگ ساھتڪار جي اھا خواھش پوري ڪندي گوبند مالھيءَ کي خوشيءَ سان گڏ فخر جو بہ احساس ٿيو ھو.

امرلعل ھنگوراڻيءَ جي ڪھاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ کي سنڌيءَ جي شاھڪار ڪھاڻين ۾ شماريو وڃيٿو. اھا انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿي يونيسڪو طرفان شايع ٿيل سنگرہ ۾ بہ شامل ڪئي ويئي آھي. پاڻ سان گفتگو ڪندڙ ادي عبدالرحمان جي ھن انوکي ڪردار، دنيا جي امر ڪردارن ۾ درج ٿي سنڌي ڪھاڻيءَ جو بيشڪ مان مٿي ڪيو آھي. موھن گيھاڻيءَ ھن ڪھاڻيءَ جو ناٽڪي روپانتر ڪيو آھي، جنھن کي مدن جماڻي اسٽيج خواہ ٽي. ويءَ تي ڪاميابيءَ سان پيش ڪري چُڪو آھي.

آسانند مامتورا جي ڪھاڻي ’ڪڪي / ڳنوارڻ‘ ۾ فرائڊ جي منوگياني نقطي کي آڌار بڻائي ھڪ ڳوناڻي عورت جي نفساني خواھشن کي بيحد ئي نفيسائيءَ سان اظھاريو ويو آھي.

ورھاڱي کان اڳ جي لکيل ليکو تلسياڻيءَ جي ڪھاڻي ’منجري ڪولھڻ‘ کي ڀھاري چاھڙيا زندگي پبليڪيشن ڪراچي پاران ڇپايل ’چونڊ سنڌي ڪھاڻين‘ جي سنگرہ ۾ شامل ڪيو ھو تہ حشو ڪيولراماڻيءَ بہ ھن ڪھاڻيءَ جو انگريزيءَ ترجمو ’حشمت پبليڪيشن‘ دھليءَ طرفان شايع ڪيل ’سنڌي شارٽ اسٽوريز‘ مجموعي ۾ شامل ڪيو ھو. گھٽ ذات جي ھڪ معصوم اَلھڙ عورت جي جذبات کي نھايت ئي خوبصورتيءَ سان ھن ڪھاڻيءَ ۾ اُڀاريو ويو آھي.

مهورتي تقرير/ لکمي کلاڻي



سنڌي ڪهاڻي : هڪ صدي سيمينار

ساهتيه اڪادمي ۽، مهرشي ديانند سرسوتي وشو وديااليه جي سهڪار سان ١٣ ۽ ١٤ فبروري ٢٠١٥ تي اجمير ۾ هن سيمينار جو آيوجن ڪيو آهي، سنڌي اَدب جي ڏِس ۾ بجا آندل هن اهم ڪارج لاءِ اهي ٻئي سنستائون لاشڪ مبارڪن جون حقدار آهن.

هن موقعي تي مهورتي تقرير پيش ڪرڻ جو بانيڪارن مونکي شرف عطا ڪيو آهي جنهن لاءِ مان سندن ٿورائتو آهيان.

هن سيمينار ۾ سنڌي ادب جا برک ودوان پنهنجي مقالن ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جي طئه ڪيل هڪ سو سالن جي ڪٿا ياترا جو تفصيل ۾ جائزو وٺندا. سنڌيءَ جي پهرين ڪهاڻي، سنڌي ڪهاڻيءَ جو ورهاڱي تائين، ۽ ورهاڱي بعد اڄ تائين وڪاس، سنڌي ڪهاڻيءَ جي موجوده اسٿتي، سنڌي ڪهاڻيءَ جي مخصوص پهچان ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ جي آلوچنا، هنن ٻن ڏينهن ۾ پيش ٿيندڙ مقالن جا اَهم وشيه آهن. اَسانکي يقين آهي تہ گذريل هڪ صديءَ ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جي مڪمل اوسر جو اسين هن سيمينار ۾ ڀرپور مشاهدو ماڻي سگهنداسين.

(١) ورهاڱي کان اڳ پهريون دؤر (١٩١٤-١٩٤٧)

مان پنهنجيءَ هن مهورتي تقرير ۾ رڳو خاڪي طور پنهنجن ڪن منپسند ڪهاڻين جو ذڪر ڪندي اُنهن جو تاثر توهان سان ونڊڻ چاهيندس. ديس جي ورهاڱي کان اڳ منهنجي نظر ۾ فن جي لحاظ کان مٿي اُڀري بيٺل ڪهاڻيون آهن ؛ لعلچند امرڏنيمل جي ’حُر مَکيءَ جا‘ (١٩١٤)، امرلعل

آهيون. ٻار سنڌ جون ڳالهيون ٻڌي ٻوڏ ۾ پرجي تا وڃن. پر اُتي پهچي هڪ سوڙهو ٻئرڪ ڏسي ڪين نراشا تي ٿئي. روڏن پٽڪو تا شروع ڪن. ماءُ بيزارتي ڪين ڏڪ هٽندي چويٽي ’ماريا هيءُ خانواهڻ تورڻي آهي، هيءُ احمدآباد آهي احمدآباد!‘

سڳن آهوجا جي ڪهاڻي ’رعب‘ ٻارن جي منوگياني جڳت ڪي درشائيندڙ هڪ عاليشان ڪهاڻي آهي. مائٽن وٽ ٻين سيني دنيوي ڪمن لاءِ وقت آهي. رڳو پنهنجي ٻارن سان پيار ونڊڻ، هنن جون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ ٽائيم ڪونهي. شيام پنهنجي پيءُ ڪان ملڻ واري سزا جي ڊپ ڪان گهر ڇڏي ڀڄي ٿو وڃي. اڄ گهرڪان ڀڳئي ڪيس پنج سال گذري چُڪا آهن. سنڌيءَ ۾ ٻه چوڻي آهي ’ سپ نہ ماري، سَپ جو سيئانو (ڏر) ماري.‘

منوهرلال (رام ڪڪڙيجا) جي ڪهاڻي ’ڏاچي واليان‘ ۾ پنهنجي وطن سنڌ ڪان وڇوڙي جو درد نهايت ئي ڪلاتمڪ پُر اثر نموني اظهاريل آهي. ڪهاڻيءَ جو ڪردار پنهنجي مسلم دوستن، پاڙيوارن ڪان موڪلائي موٽر ۾ ويهي ٿو تہ سندس ڪنن تي جيوڻي ٻائيءَ جي ڳايل ڪلام جو پرلاءُ پويٿو. ’ڏاچي واليان موڙ مهارڙي‘ پرڏاچيءَ وارو اڄ بيوس مجبور هو. موٽرڪيس سوگهو جهلي، جيوڻيءَ ڪان، ٻڍڙهي ياسينءَ ڪان، بلڪ سنڌ ڪان دوُر بلڪل دوُر ڪٽي وڃڻ لاءِ ڊوڙي رهي هئي.

(٣) رومانوي دؤر (١٩٥٨-١٩٦٥)

ترقي پسند دور جي هڪ ڏهاڪي بعد سنڌيءَ ۾ چيو وڃيٿو تہ ١٩٥٨ ڪان رومانوي ڪهاڻيءَ جو دؤرشروع ٿيو. هن دؤرجي آغازجو شرف ايشور آنچل جي ڪهاڻي ’ڇهاءُ‘ کي ڏنو پي ويو آهي. پوئين ترقي پسند دؤر ۾ ڪهاڻيڪار جو فوڪس ’سماج‘ هئي. هن پنهنجي قلم ذريعي سماجي انقلاب آڻڻ پي چاهيو جيئن هو سماج کي سڌاري بهتر بڻائي سگهي پر ان مشن ۾ هو ناڪامياب ويو. گهڻي ڀاڱي هن دؤر جون ڪهاڻيون نعريبازي ۽ پرچارتائين محدود رهجي ويون.

رومانوي دؤر جي ڪهاڻيڪارن پنهنجي قلم جي فوڪس ۾ شخص کي

(٢) ورهاڱي کانپوءِ ترقي پسند دؤر (١٩٤٧ - ١٩٥٨)

ورهاڱي بعد ١٩٤٧ کان ١٩٥٨ واري ڇهرين ڏهاڪي کي سنڌي ڪهاڻيءَ جو سماجڪ يٿارٿواد وارو ترقي پسند دؤر سڏيو ٿو وڃي. هن ڏهاڪي جي سنڌي ڪهاڻين جا گهڻو تڻو موضوع هئا لڏ پلاڻ جا عذاب، رفيوجي ڪئمپن جون ذلتون، اتي لٽي اجهي لاءِ سنگهرش، ۽ ڌرتيءَ ڌڪاڻيل سنڌين جون پنهنجي پون‌ءَ جون مِنڙيون ساروڻيون. هن ترقي پسند دؤر جي علمبردار ترمورتي هئي اُتم، مالهي ۽ ڪيرت جي.

هن ڏهاڪي ۾ شايع ٿيل منهنجون من پسند ڪلاتمڪ ڪهاڻيون آهن، نارائڻ ڀارتيءَ جي 'دستاويز'، سندري اُتمچندانڻيءَ جي 'پوري'، ڪلا پرڪاش جي 'خانواهڻ'، سڳن آهوجا جي 'رعب' ۽ منوهر لعل (رام ڪڪڙيجا) جي 'ڏاچي واليان'.

نارائڻ ڀارتيءَ جي ڪهاڻي 'دستاويز' ۾ منگهن مل سنڌ مان هند ۾ لڏي اچڻ بعد پنهنجي ڇڏي آيل جاءِ لاءِ ڪليم وجهڻ مهل ثبوت وارو دستاويز پيش نٿو ڪري. ڪيس ڊپ آهي تہ ڪٿي هن جي ڪمدار رسول بخش کي جنهن هن سان پڇاڙيءَ تائين پنهنجي وفاداري ڏيکاري هئي، سندس گهر مان بي دخل ڪري دربدر نہ ڪيو وڃي.

سندري اُتمچندانڻيءَ جي 'پوري' بہ سنڌي ڪهاڻيءَ جو هڪ اڻ وسرندڙ ڪردار آهي. نيٺوءَ کي محسوس ٿئي ٿو تہ حيدرآباد (سنڌ) ۾ سندس پاڙي ۾ رهندڙ پوريءَ جي سونهن، پاپڙ وڪڻڻ جي جفاڪشي ڪندي لپت ٿي ويئي آهي. البت هن جي چهري تي اڄ هڪ نئين قسم جي سونهن نکري آئي آهي. اُها سونهن آهي محنت ڪش پوريءَ جي خودداري يا آتم سنمان جي.

ڪلا پرڪاش 'خانواهڻ' ڪهاڻيءَ ذريعي سنڌ جي ڳوٺن جو نهايت ئي دلپذير چٽ چٽيو آهي. ڪهاڻيءَ جي نائڪا پنهنجي ٻارن کي ساهڙن ڏانهن وٺي وڃڻ مهل ٽرين ۾ ٻڌائيندي تہ اسين خانواهڻ تا هلون، جتي اسانجو حويلي نما وڏو گهر آهي. پنيان وڏو باغ آهي، جنهن ۾ انب، ڦاروان گل ٽڙندا آهن. اسين انهن گلن جو گلقند ٺاهيندا آهيون. مکڻ، ڏوڏي، لسيءَ جي نيرن ڪندا

ايندي آهي. صرف يگ بدلجندو آهي. هيءَ سنڌيءَ جي اول درجي جي چونڊ ڪهاڻين ۾ شماري وڃيتي.

ڪي. ايس. ٻالاڻي جي ’پريا ۽ ڪرانتي‘ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ وڏوا براهمڻي گهر ۾ هڪ ڪتو پاليو آهي. سندس گهر ۾ پوڄن ورتائڻ لاءِ ايندڙ نوجوان ونيہ ڪمار پريا جي جوانيءَ جي جذبن کي ڇيڙي هن سان همبستر ٿيڻ لاءِ پهل ڪريٿو. پرعين موقعي تي گهر جو وفادار ڪتو ٽپ ڏيئي ٻنهي جي وچ ۾ اچي پرگهٽ ٿئيٿو. ونيہ ڪمار جي ٽنگ ۾ چڪ پائي کيس ڀڄائي ڇڏيٿو. ’پريا جا وارڪڙا ٿي ويا. هوءَ ڏپ ۾ ٿر ٿر ڪنبڻ لڳي. ڪُتي جي چهري تي کيس پنهنجي سرڳواسي مڙس جو عڪس نظر آيو‘. ڪتي کي استعاري طور ڪلاتمڪ نموني پيش ڪرڻ سبب ’پريا ۽ ڪرانتي‘ سنڌيءَ جي هڪ شاهڪار ڪهاڻي بڻجي ويئي آهي. ڪرشن کٽواڻيءَ جي ڪهاڻي ’اڪيلي‘ بہ هڪ وڏي معيار واري لنبي ڪهاڻي آهي. ’ارچنا‘ نالي واري نايڪا جي برپٽ بيابان واري اڪيلائيءَ جهاڳڻ وارو نهايت ئي نزاڪت ۽ نفيسائيءَ ڀريو داستان آهي.

(۴) جديد دؤر (۱۹٦۵ - ۱۹۸۰)

۱۹٦۵ کان سنڌيءَ ۾ نئين يا جديد ڪهاڻيءَ جو دؤر چالو ٿيو. ٻين مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ يوروپ جي سماج نهايت ئي موهہ ڀنگي دؤر مان گذري رهي هئي. سون سالن کان صحيح مچيل سماج جا هيل تائين اپنايل قدر تهس نهس ٿي زمين دوز ٿيڻ لڳا هئا. ڏپ ڏر نراشا انسان مٿان حاوي هئا. کيس پنهنجي زندگي ارٿ هيڻ، ائبسرڊ ۽ دشا هيڻ نظر اچڻ لڳي. سارتر، ڪامو، ڪافڪا، نيتشي جي هستوادي فلسفي کي ساهتيہ ۾ اڳرائي ملي ويئي هئي. هندي ۽ انگريزي معرفت سنڌي ليکڪ، ڪهاڻيڪار بہ ان ويچارڌارا کان متاثر ٿي ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جي ارٿهيڻتا، بيگانيت، ائبسرڊٽيءَ جا موضوع کڻي آيا.

۱۹٦۵ کان ۱۹۸۰ واري جديد يا نئين ڪهاڻي جي هن دؤر ۾ خلقيل منهنجون منپسند ڪهاڻيون آهن. وشنو ڀاٽيہ جي ’سنگمرمر ۽ ريشمي ڪپهہ‘، انند کيماڻي جي ’ٽڪرا ٽڪرا‘، ايشور چندر جي ’نہ مرڻ جو ڏک‘،

آئي بيھاريو. سندس من ۾ اٿندڙ اڌمن، آڪانڪائن، اُمنگن، کي ترجيح ڏيئي، سندس ذهنيت جي اوسر ڪرڻ چاهي. ايشور آنچل جي 'ڇهاءُ' ڪهاڻيءَ جو نايڪ ڪرشن، پوني کان بمبئيءَ پنهنجي لاءِ آيل مائٽيءَ جي سلسلي ۾ ڇوڪري ڏسڻ لاءِ ٽرين ۾ وڃيٿو. هن من ئي من ۾ فيصلو ڪري ورتو هو ته پاڻ 'نه' ڪندو، 'ها' ڪرڻ ۾ هن کي پنهنجو اپمان ٿي نظر آيو. پر ٽرين ۾ پٽ تي ڪِريل رومال کڻي ڏيندڙ استريءَ جي هٿن جو ڇهاءُ هن پُرش جي انگ انگ کي جهنجهڻائي ٿو ڇڏي. هن سوچيو 'عورت ڪيڏي نه مهربان آهي!' اُن جي نفيس ڇهاءَ جي نزاڪت سندس اڳ ۾ ڪيل فيصلي تي ڇانئجي ٿي وڃي.

هن دؤر جي ترمورتي هئي، موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻيءَ لعل پشپ جي، جن سنڌي ڪهاڻيءَ جا سماجي يٿارٿواد مان پلاند آجا ڪري فرد جي پنهنجي شخصي زندگي جي انفراديت کي اوليت ڏني. سنڌي ڪهاڻيءَ جي هن ترمورتيءَ سان گڏ ٻه ٻيا به ڪهاڻيڪار ڪرشن کٽواڻيءَ ڪي. ايس. ٻالاڻي شامل ٿي ويا.

هن دؤر جون منهنجو من پسند ڪهاڻيون آهن: موهن ڪلپنا جي 'پٽ جو دُشمن' لعل پشپ جي 'قرض جي درخواست'، گني سامتاڻيءَ جي 'پرلئه'، ڪرشن کٽواڻيءَ جي 'اڪيلي' ۽ ڪي. ايس. ٻالاڻيءَ جي 'پريا ۽ ڪرانتي'

موهن ڪلپنا جي ڪهاڻي 'پٽ جو دشمن' کي ئي. ويءَ تي به پيش ڪيو ويو آهي. هيٺئين طبقي جي هڪ عام ماڻهوءَ جي ڪهاڻي آهي جنهن کي آفيس ۾ اٿندي ويهندي 'باس' جون ڏهون ٽيون سهڻيون پون. نه رڳو آفيس جي همڪارن بلڪ گهر جي ڀاتين اڳيان به ذليل ٿيندي هو آتم گلاني ڀوڳي رهيو آهي. پنهنجي هيڻ ڀاونا مان مُڪت ٿيڻ لاءِ هو آخر هڪ اُپاءُ ٿو ڳولهي ڪڍي. آفيس کانپوءِ هڪ اوجهڙ علائقي ۾ وڃي باس جو نالو هڪ پٿر تي لکي اُن کي هر روز پنهنجي بوٽ سان وسڪارو ڪري پنهنجي اندر جو سمورو آڪروش ٻاهر ڪڍيٿو ۽ شفايابي حاصل ڪريٿو. لعل پشپ جي 'قرض جي درخواست' سرڪاري فيتاشاهيءَ تي تُز چوٽ آهي. گني سامتاڻيءَ جي 'پرلئه' هڪ نهايت ئي ڪلاتمڪ ڪهاڻي آهي. ڀاڳوت پراڻ ۾ رشي مارڪنڊيه جي پؤراڻڪ ڪٿا کي پرتيڪ بڻائي ٻڌائيٿي ته پرلئه ڪانه

ڇاڪاڻ ته ڪيتريون ئي ڳالهيون ڳجهيون رهيون آهن. ان ڪري ڪهاڻي ٻڌجهي مونجهارو پيدا ڪيو آهي. هرڪو پنهنجي ليکي مطلب ڪڍي سگهيٿو. ڪهاڻيءَ جو عنوان به ته 'ٽڪرا ٽڪرا' آهي ۽ ٽڪرا ٽڪرا منجهيل ئي ته ٿيندا. پر مان هت ٽڪرا ٽڪرا ڳنڍي، ڪهاڻيءَ جي انت جي سمجهاڻي ڏيئي مونجهارو دور ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان.

ڪهاڻيءَ جي اوسر ٻئي ٽڪري کان ٿي ٿئي. حقيقت ۾ ڪهاڻيءَ جو پهريون ٽڪرو پڇاڙيءَ واري ٽڪري کان اڳ اچڻ گهربو هو پر ليکڪ کي پنهنجي ٽيڪنڪ آهي ۽ هن پنهنجي فارم ۾ ئي ڪهاڻي نباهي آهي.'

پرم ابيچنداڻيءَ جي آٽرپڪڙي اسين 'ٽڪرا ٽڪرا' ڪهاڻيءَ جي ٻن استري ۽ پرش ڪردارن جي اونداهي منوجڳت ۾ داخل ٿي، سندن ڏڀن ڏرن کان، هن زندگيءَ مان سندن ٻنڌن مڪت ٿيڻ جي تقاضائن کان واقف ٿيون ٿا. واقعي 'ٽڪرا ٽڪرا' انند ڪيماڻيءَ جي هڪ نهايت ئي ڪلاتمڪ ڪهاڻي آهي ۽ پرم ابيچنداڻي جي ڏنل رايي سان ته هيءَ سال ١٩٦٥ جي بهترين سنڌي ڪهاڻي آهي، شامل راءِ ٿيون ٿا.

ايشور چندر جي ڪهاڻي 'نه مرڻ جو ڏک' ۾ مڊل ڪلاس جي تنگدستيءَ واري حالت بيان ڪيل آهي. ڪلارڪ پُٽ ماءُ جو علاج ڪرائڻ لاءِ ڪيس اسپتال ۾ ڀرتي ٿو ڪري. ڊاڪٽرن جي جاچ پڙتال بعد پتو پويٿو ته ٻڍيءَ کي گلي ۾ ڪئنسر آهي. اُن جو آپريشن ڪرڻو پوندو. ماءُ جي بيماريءَ جو علاج ڪرائڻ لاءِ لاچار ڪيس پي. ايف مان پئسا ڪڍائڻا ٿا پون. هونءَ هو پي. ايف. مان سال ۾ هڪ ڀيرو ٻارن جي اسڪولي ڊريسن، في ۽ ڪتابن لاءِ پئسا ڪڍائيندو آهي.

ڪيس ڊپ ٿو ٿئي ته ڀڳوان نه ڪري سندس ماءُ کي ڪجهه ٿي پوي ته پوءِ هن وٽ ماءُ جي ڪريا ڪرم لاءِ ته پئسا ڪونه هوندا. ضروري ڪونهي ته آپريشن هروڀرو ڪامياب ٿئي.

پر آپريشن ڪامياب ٿو ٿئي، هو ماءُ کي رڪشي ۾ اسپتال کان گهروٺي ٿو اچي. ماءُ کي خوش ٿيندو ڏسي ڪيس ڪا خاص خوشي نٿي ٿئي. پي. ايف. مان پئسا ڪڍائي هن سٺو نه ڪيو هو، هن بعد وري جي اما کي ڪجهه ٿي پيو ته هو پئسا ڪٿان آڻيندو؟ تڏهن ڪيس لڳو ته ماءُ جي نه مرڻ جو ڪيس بيحد ڏک ٿي رهيو هو.

شيام جئسنگهاڻي جي ’ننگو آسمان‘ ۽ هريش واسواڻيءَ جي ’سلسلو‘. سنڌي ڪهاڻيءَ جي ترقي پسند دؤر جي اُتم، ڪيرت، مالهيءَ جي ترمورتي، ۽ رومانوي دؤر جي ڪلپنا، لعل ۽ گني جي ترمورتيءَ جيان هن نئين جديد ڪهاڻيءَ جو دؤر وشنو، ايشور- آنند پنيان سڏجڻ ۾ آيو. وشنو ڀاٽيہ جي بنا ڪنهن سلسلي، پلاٽ، ڪردار- زمان مڪان واري هن ڪهاڻيءَ ’سنگمرمر ۽ ريشمي ڪپهہ‘ جا هي چند گفتا هن نئين جديد دؤر جي ڪهاڻيءَ ۾ سمايل فلسفي جي نشاندهي ڪن ٿا.

’مان ڇا آهيان؟ ڇا ٿي ٿيڻ چاهيم؟ فقط هڪ چهرو؟ هڪ نالو؟ ان ڪانسواءِ ڪهڙي هستي آهي انسان جي؟

’دراصل مونکي ڪوبہ نالو ناهي، ڪوبہ چهرو ناهي. هن ساري ڀيڙ مون کان منهنجي هستي کسي ورتي آهي.

موت ڇاهي؟ زندگيءَ جو انت؟ زندگي ڇا آهي؟ موت جي منزل ڏانهن ياترا؟ مان ڪجهہ بہ ناهيان. ڪجهہ بہ نہ بڻجي رهڻ چاهيانٿو.

موت منهنجي مجبوري آهي ۽ جيئڻ ڪائرتا.

شايد ان ڪائرتا جو نالو زندگي آهي. ڪائرتا ئي هن جو چهرو آهي. ڪائرتا ئي، هن جو نالو آهي.

سگريٽ جو دونهون، ڀڳل ٽڪڙا، ايوڳي ڪل ...... سرير جي بوءِ ...... ڪجهہ بہ ناهي!‘

وشنو ڀاٽيہ اڄ جي ٽڪل هارايل، ڀڳل ٽٽل، خوفزده انسان جي تزعڪاسي ڪئي آهي.

انند کيماڻيءَ جي ڪهاڻي ’ٽڪرا ٽڪرا‘ جڏهن پهريون ڀيرو شايع ٿي هئي، تڏهن پڙهندڙن کي اها گجهارت (Jig Saw Puzzle) جيان مُنجهائيندڙ محسوس ٿي هئي. سنڌيءَ جي برک آلوچڪ پرم ابيچنداڻيءَ کي هن ڪهاڻيءَ تي هڪ طويل ليک لکي اُن جي وضاحت ڏيڻي پيئي هئي. پنهنجي ليک ۾ پرم لکيتو ’ڪهاڻيءَ جو انت بيحد منجهائيندڙ آهي. هتي ليکڪ جي دماغ ۾ ڪو مونجهارو يا غبار ڀريل آهي. ٿي سگهيتو نہ هن

تي اَجنبي رهجي وڃڻ بہ نٿو چاهي. پوري ڪهاڻي پنهنجي چست سٽاءَ ۽ بي لاڳ ورنن شئليءَ ۾ فن جو اديت مظاهرو آهي.

ڪرشن کٽواڻيءَ 'رشتو' ڪهاڻيءَ جون هينيون خصوصتون ٻڌائيندي گويا سنڌيءَ جي هن پنجين دؤر جي ڪهاڻيءَ جي سڄاڻپ ڏني آهي. اظهار ۾ سڌي (Direct)، سادي سودي (Simple)، هار سينگار بنا (Unornamental) پنهنجي وشيہ جي آس پاس ڦهڪايل (To the point)، مٿاڇري تي سطحي پاسڃندڙ پر پوري ڪرڻ بعد ڪنهن گهري آزمودي جو ڇهاءُ محسوس ڪرائيندڙ. (سنگيتا مي - جون ١٩٩٠)

جدت بعد واري هن دؤر ۾ شايع ٿيل ٻين بہ ڪن ڪلاتمڪ ڪهاڻين جو هت ذڪر ڪري سگهجيٿو جيڪي مونکي بيحد پسند آهن. نامديو تاراچنداڻيءَ جي ڪهاڻي 'هڪ خوبصورت ٻڍي عورت' گويا راجستاني منيئيچر پيننٽنگ آهي. جنهن ۾ هڪ ٻڍي عورت جي سونهن سوپيا جي باريڪ تفصيلن کي بُرش بجاءِ لفظن سان نهايت فينستائيءَ سان چٽيو ويو آهي.

هري همٿاڻيءَ جي 'پنهنجو گهر' ڪهاڻيءَ ۾ هانگ ڪانگ جو هڪ نئينءَ مان شاهوڪار ٿيل سنڌي، ماءُ پيءُ کي اجمير مان لڏو پٽائي بمبئيءَ ۾ جهوءَ جي سمنڊ ڪناري هڪ آسمان ڇهندڙ عمارت ۾ پنجين ڪروڙن جي فلئٽ ۾ آڻي ويهاريٿو. ماءُ پيءُ کي هن پڃري نما لفٽ ۾ هيٺ مٿي لهندي چڙهندي محسوس ٿئي ٿو تہ هو مارئيءَ جو ملڪ ملير ڇڏي عمر جي ڪوٽ ۾ اَچي قيد ٿيا آهن.

سندر اگناڻيءَ جي ڪهاڻي 'اما گم ٿي ويئي' ۾ پٽ موتي، پنهنجي ماءُ ۽ زال کي ڪنڀ ميلي وقت تروينٽي سنگم ۾ ٽبي ڏيارڻ وني ٿو وچي پر هو ٻئي زال مڙس ٻڍيءَ کانسواءِ گهر موٽي ٿا اَچن ۽ پاڙي وارن کي ٻڌائين ٿا تہ 'اَما ميلي ۾ گم ٿي ويئي'.

اندرا واسواڻيءَ جي ڪهاڻي 'فقيرياڻي' بہ بيحد مقبول ٿي آهي. هڪ فقيرياڻي جيڪا اڪثر روٽيءَ لاءِ ڪهاڻيءَ جي نايڪا جو در کڙڪائيندي هئي هڪ ڏينهن پاسي واري خالي پلاٽ ۾ هڪ ٻار کي جنم ڏئيٿي. گهر جي دياوان

هريش واسواڻيءَ جي ’سلسلو‘ بہ هن جديد دؤر جي هڪ نهايت ئي ڪامياب ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ جو پُرش ڪردار پنهنجي گرل فرينڊ کي هل اسٽيشن تي وٺي اچي هڪ هاسٽل ۾ رهائيٽو ۽ پاڻ ٽوئرسٽ بنگلي ۾ اَچي رهيٽو. ڪنتي ڪيس آخرين طور پسند اَچي ويئي آهي. ٻنهي جي شاديءَ جو پلان بہ تيار آهي. ڪنتي ڪيس پوڳڻ جي اجازت ڏيئي تي چڙي.

ٻئي ڏينهن بات روم ۾ اشنان ڪندي آئيني ۾ پنهنجي سرير مٿان پيءَ جو عڪس چنبڙيل ڏسي هو ٻڇي ٿو وڃي. ڪا ادرشيہ شڪتي هن کي پُٽ مان پيءَ ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش ۾ رڌل آهي. ڪنتي بہ ان منصوبي ۾ شامل آهي. پُرش ڪردار اها سوچجي حاصل ڪري فيصلو ٿو ڪري تہ هو هن سرشٽيءَ جي هن مشيني يوجنا کي قائم دائم رکڻ جو پرزو نہ بڻجندو. ان طرح ’سلسلو‘ ڪهاڻيءَ جو پُرش ڪردار هن سرشٽيءَ جي نيمن کي ناڪاري، ان جي استعمال جي وستو بڻجڻ کان انڪاري ٿي ’ڪجھ بہ نہ‘ جي چونڊ ڪري پنهنجي خود مختياريءَ جو اعلان ٿو ڪري.

(۵) جدت بعد وارو دؤر (۱۹۸۰ - ۲۰۱۴)

جدت واري دؤر (۱۹۶۵-۱۹۸۰) جي ڪيترين ڪهاڻين ۾ نہ پلاٽ هو، نہ ڪردارنگاري، انهن جي ٻوليءَ بہ گهڻو تڻو مبهم هئي. اُنهن جي برعڪس جدت بعد واري هن موجوده دؤر ۾ ڪهاڻيون بياني طرز ۾، پلاٽ ۽ ڪردارنگاريءَ واريون سولي سنڌي ٻوليءَ ۾ پاٺڪن سان سهج سڀاوَ گفتگو قائم ڪن ٿيون.

ستيش روهڙا جي ڪهاڻي سنگره ’رشتو‘ (۱۹۸۹) تي سمالوچنا ڪندي مون لکيو هو ’هن مجموعي ۾ شامل ڪهاڻيون پڙهندي هڪ ادبت تازگيءَ جو احساس ٿو ٿئي. ڀاوَ جي تازگي، ڀاشا جي تازگي، سوچ فڪر جي تازگي، ڪل ملائي موضوع ۽ هئيت جي تازگي. لڳيٿو سنڌي ڪهاڻي گذريل ٻن ڏهاڪن جي ٻوسٽ بعد نئين دؤر جي تازي هوا ۾ ساهہ کڻڻ شروع ڪيو آهي. مجموعي جي عنوان واري ڪهاڻي ’رشتو‘ کي سنڌيءَ جي شاهڪار ڪهاڻين ۾ شماري سگهجيٿو. ’رشتو‘ هڪ هيڪلي انسان جي ڪهاڻي آهي جيڪو بس جي پيڙ سان گڏ سفر ڪندي پيڙ ۾ سمائجي وڃڻ نٿو چاهي، پر گڏو گڏ الڳ ٿلڳ

ڪلاڌرمتوا پنهنجي ڪهاڻي ’ٽِبَڙ‘ ۾ ’ڪڇ علائقي جي ڏڪروارين حالتن جو نهايت دلپذير چٽ چٽيو آهي. رانجهن خالي خالي اکين سان اُڀ ڏانهن تڪيندو ٿو رهي. ائين ٿو لڳي ته خدا به سندس قميص ۾ لڳل ٽِبَڙ (چتي) جيان بادلن جو ٻوٽ ٻڌي ڇڏيو آهي.

لکمي کلاڻيءَ جي ڪهاڻي ’ڪاڪ طوطا‘ ۾ گهر جي ڪنوار وشاکا به هنن پکين جيان پنهنجي ساهري گهر ۾ بيگاني ٻڻجي ويل ماحول ۾ اَچي قيد ٿي آهي. رات جي سناٽي ۾ اهي طوطا بي آرام ٻڻجي، ٻاهر نڪرڻ جو رستو تلاشيندي شيشي جي دريءَ سان پنهنجو سر ٽڪرائي پاڻ کي رتورت ٿا ڪن.

ڪرشن کٽواڻيءَ جي ڪهاڻي ’ءُ ليکڪ مري ويو‘ سندس موئت کان ٽي مهينا اڳ لکيل هڪ نهايت ئي خوبصورت ڪهاڻي آهي. هڪ جرمن ليکڪ ايڊمنٽ پنهنجي زندگيءَ ۾ پرايل هزارن انيون جي مشاهدي کي پنهنجي اندر ۾ جذب ڪيو آهي. گڏوگڏ هن سون هزارن ڪتابن جو مطالعو به ڪيو آهي. سندس تخليقي ذهن ڏينهن رات پنهنجي انيوتين کي ڪاغذن تي ڏاليندو ٿو رهي. ماريا هن جي لکڻين تي موهت ٿي پوي ٿي. هن سان شادي رچائي ٿي. شاديءَ بعد هوءَ ايڊمنٽ جي زندگيءَ جي واڳ ڏور پنهنجي هٿ ۾ ٿي جهلي، جيئن هو بي روڪ بس لکندو ئي رهي. هڪ ڏينهن ليکڪ کي شدت سان احساس ٿو ٿئي ته ڪيس يا ته پنهنجي ڪلا سان وفادار رهڻو آهي يا پنهنجيءَ زال سان. ٻنهي مان هڪ جي ڪيس چونڊ ڪرڻي پوندي. هڪ جي ڇهري تي بدن جي تڙپ ۽ هڪ ڇهري تي آتما جي تڙق. ان ويل ليکڪ جي هٿ مان قلم ڇڏائجي ڪري پيو. هو اُٿيو ۽ ڊڪندو بالڪنيءَ ڏانهن ويو ۽ هيٺ ٽپو ڏنائين.

هن پوئين جدت بعد واري دؤر ۾ اهڙيون اڻکل پنجاه کن خوبصورت فنڪارانه ڪهاڻيون شايع ٿيون آهن. جيڪي سنڌي ڪهاڻيءَ جي سونهري پوشيه بابت اسانجي اندر ۾ اُميدون جاڳائن ٿيون.

(وقت جي تنگيءَ سبب سيمينار ۾ هن مهورتي تقرير جو رڳو اختصار پيش ڪيو ويو - لکمي)

6, Maleer, Ward 4-A,
Adipur (Kutch) - 370205

ڏاڍي گيس گرم پاڻي ۽ ڪپڙا وغيره ڏئيتي، هن جي مدد ڪريتي. فقيرياڻي پاڻ کي ۽ پنهنجي نئين جاول ٻار کي اُٺي پُٺي، ڇاتيءَ سان چنبڙائي ٻالم ٻڻجندي هلندي تي ٿئي.


تارا ميرچندانيءَ جي ڪهاڻي ’پاونا‘ ۾ هڪ شعوري اُسريل ذهن واري عورت جي اندروني ڪشمڪش کي درشايو ويو آهي. هوءَ پنهنجي اداڪاريءَ جي فن کي اُپاري، هڪ سني ائڪٽريس ٻڻجي يا پنهنجي مڙس جو چيو مڃي پاڻ کي گهرءِ ٻارن سان رڌل رکي. جڏهن پاونا ضد تي ڪري تڏهن سندس مڙس هن جي چرتر تي حملو ڪري هن مٿان ناٽڪ جي هدايتڪار سان ناجائز سنبنڌ هئڻ جو الزام ٿو مڙهي. پنهنجي غرور تي اها چوٽ نہ سهي هيءَ خوددار عورت گهر ڇڏي هلي تي وڃي ۽ ناٽڪ ۾ اَهڙيءَ تہ خوبيءَ سان پارٽ ادا تي ڪري جو درشڪن لاءِ وقت بيهجي ٿو وڃي. In great work of art time stands still

ايشور پارتيءَ جي ڪهاڻي ’جهرڪيون‘ ۾ جهرڪين گهر جي اسٽور روم ۾ پنهنجي چوزن لاءِ آکيرو تيار ڪيو آهي. گهر ڌڻي جڏهن سندس آکيرو ڊاهي کين ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ٿو ڪري تہ جهرڪ ۽ جهرڪي هن مٿان حملو ڪن ٿا ۽ سندس ارادي کي ناڪام ڪري ٿا ڇڏين.

هريش واسوانيءَ جي ڪهاڻي ’گهنٽي‘ حساس دل کي پاڻڪ کي تهہ تائين ڌوڏي تي ڇڏي تہ ايندڙ پوشيہ ۾ پارت جي ڌرتيءَ تي سنڌي ٻوليءَ لاءِ جلد موئت جي گهنٽي وڄڻ واري آهي. سنڌي جاتيءَ جي سڃاڻپ گم ٿيڻ جو اهو چٽو اهڃاڻ نظر اچيتو.

شيام جئسنگهاڻيءَ جي ڪهاڻي ’اِڊائي گهر‘ ۾ اهو اُهڃاڻ ڪي قدر اڃ ساپيا ٻڻجندو نظر اَچيتو. ڏيساور ۾ ڪروڙن جا وارا نيارا ڪرڻ وارو مِڪي ميرچنداڻي پنهنجي ڏنڌي جا سپ ڪم نپٽائي واپس پوني اَچيتو، جتي سندس ماءُ ’ڪوُما‘ جي حالت ۾ اسپتال داخل آهي. اسپتال جي ڊاڪٽر لهندي مڪيءَ کي سندس ڪاليج جو دوست وشنو سامهون گڏجي ٿو وڃي. جيڪو ڪيس نٽو سڃاڻي. مڪيءَ کي اچرج ٿو لڳي. هو پاڻ کان پڇيتو ’پوين چند سالن ۾ ڇا هو ايترو بدلجي چڪو آهي؟‘

ميران جا پچن. غالب غزل کڻي آيو، نظم قطع رباعي، ان بعد بہ بيون بيون صنفون آيون آهن، اسانجي ٻاشا ۾ بہ ڏسندا رهيا آهيون، اجا تہ ٻاشا ۾ سگهہ آهي، قوّت آهي. توهان ڏٺا چئو تہ موزون شاعريءَ ۾ آساني آهي، مان جي چوان تہ ڪويتا لکڻ ۾ آساني آهي، تہ اعتراض ڇو. مان هميشه لکندو رهندو آهيان تہ ڪويتا لکڻ وڏيڪ ڏکي آهي، پر جڏهن ڪويتا ۾ ڪوتا هجي تڏهن نہ، ڪويتا سان ڪن تورن ئي نياءُ آهي. موهي ڪويتا لکڻ وارو مکيہ ڪوي بہ آهي، هوُ ڪويتا مان غزل ڏانهن آيو ۽ ٻنهي صنفن جو وڏو ڪوي آهي. اندر پوجوائيءَ تنها جي صنف ڏني، ستيش روهڙا پاڻ تنها لکيا آهن، مجموعو بہ ڇپايو اٿس. تنها بہ موزون شاعريءَ جي صنف آهي. ماترڪ ڇند ۾ آهي، جي ماترائون صحيح نہ هونديون تہ تنها ٻي ٻي ڪندو. انڪري سيني تہ تنها سان ڪونہ نياءُ آهي. تنها کي هڪ گهري سوچ ۽ ڇهندڙ سياءَ جي ضرورت بہ آهي. غزل جو هڪ هڪ شعر بہ ، اهڙو ئي ڪو چٽو ڪو لڳائي، ڪا مزاحيہ طنز اُپاري ٿو. ستيش تہ ڪي بيت وغيره پڻ لکيا، پر پوءِ سمجهي ويو تہ اهو سندس لاءِ ڏکيو ڪم آهي، موزونيت کي سمجهڻ سولو ڪونهي، هو صاحب هوند ڪو هڪ غزل بہ لکي ۽ آسان لڳندڙ صنف جو ذائقو بہ محسوس ڪري. هاڻي اجا بہ ڪجهہ گنڀيرتا سان سوچون. موزون شاعريءَ کي سنگيت ۾ اُٿي سگهبو آهي، شاعري سنگيت کي روپ ڏئي ٿي، سنگيت پڻ سنگيتمئہ ماترائن سان جڙيل آهي، نرتيہ کي بہ پنهنجون ماترائون آهن، نرتيہ کي بہ سنگيت ۽ شاعريءَ جا ڪي ٻول گهرجن. پرڪرتيءَ جي سونهن پڻ هوا جي لهرن سان پنهنجا سينگار ڪري ٿي. ڪويل جي گهائيندڙ ڪوُڪ، ٻيري جي هوُ هوُ گهوُ گهوُ، ڪبوتر جي گٽرگو، ڪنهن مقرر وقفي pause کان پوءِ وري ٻُڌبي آهي، اِها بہ موزونيت آهي، پيا بہ ڪيترا ننڍڙا ننڍڙا ٻاڙها ساوا نيرا پکي آلاپيندا رهندا آهن. شاعري سنگيت نرتيہ پاڻ ۾ جڙيل ڪلائون آهن، جن کي Fine Arts چئون ٿا، بہ بيون بہ آهن، چترڪاري ۽ سنگتراشي. چترڪاري رنگن جي ماٽ ۽ معصوميت جو درشن آهي، ماٽ ۽ معصوميت



تاثرات / اَرجن حاسد

رچنا جو هيءُ انڪ - ١٤٤ نمبر پياري محبوب دوست لڇمڻ ڪومل جي سهڻي تصوير سان آهي، يار ٻہ هلندو رهيو، پنڌ تہ اِهو ئي آهي. انڪ توهان موڪليو ڪونهي، ٿارو گرناڻيءَ کان ورتو اَٿم، سنو مواد آهي، مان اَڃا پڙهتو آهيان، ستيش روهڙا صاحب جي 'ڪٿ' تائين، اِهو سنو ڪالم آهي. موهن همٿاڻيءَ جو ڪوتا سنگره، 'لائيف، چاڪليٽ - ڪوتا' جي ڪٿ ڪئي اٿائين، ڪٿ ڪرڻ کان اڳ ترقي پسند دؤر، ماڊرن، رومانوي، وگيانڪ، جديد، بعد جديد Post Modernism غزل، ۽ ڪويتا، مشاعري بازي، موزون شاعريءَ ۾ شعر لکڻ جي آسانيءَ تي ٻہ پنهنجيءَ سهائيندڙ ٻوليءَ سان لکيو اَٿائين. هيڪان ٿو تہ ٻہ چوان ٿو، مون انهن سڀني دؤرن کي ڏٺو آهي، لکيو آهي، نڀايو آهي. موزون شاعريءَ جي مخول اُڏائڻ وارن کان ٻہ واقف آهيان. ڏکوئيندڙ لفظن وارو چيندڙ لهجي جو ڏانءُ نقاد کي وڏو ٻڻائيندو آهي. ان سبب اسان سندن آجيان ڪندا آهيون، آءٌ آدر ٻہ ڏيندا آهيون. نئين ڪويتا جا اُهڃاڻ ۽ اثر مون ٻہ جهٽيا آهن، غزل ۽ ڪويتا جو فرق ٻہ توهان سان اوريندس. هر دؤر ۾ سٺي شاعري ٿي آهي، هر دؤر کي آبروُدار شاعر مليا آهن. سڳن آهوجا لاءِ ڇا چوندا، نارائڻ شيام، اندر پوجواڻيءَ لاءِ ڇا چوندا. هر دؤر جا اثر پوءِ ايندڙ دؤر جهٽيندا آهن، ڪي نيون نيون صنفون ٻہ ايندیون رهنديون آهن، ماڻهن جي ويس وڳن، چهرن ۽ مرڪ جي نمونن جا ڪيترا انداز ڏسندا رهندا آهيون، توهان کي موزون شاعريءَ لاءِ چڙ ڇو آهي. موزون شاعريءَ جي پيڙه گهڻي گهري، اونهي آهي. رامائڻ مهاڀارت جون چوپايون، ڪلاسيڪل شاعري، ڪبير جو دوهو، شاهه سائينءَ جا بيت، وائي ڪافي، ان بعد گيت،

وڃڻ جي/ پرميشن / نه ملڻ تي/ سيني جي ڇهڻ تي/ مايوسي هئي/ پر برفاني چوٽيءَ (چوٽيءَ نه چوٽين لڪيل آهي) تي/ اُڪري آيل / مسڪراهٽ/ پسڻ وٽان هئي.

اِها ڪويتا، 'انسان کي اڃا به سونهن ۽ شانت کي پسڻ جي چاهنا، لالسا آهي، اڃا به احساس آهن، حواسَ ماڻڻ لاءِ ٻٽڪندا آهن. پهاڙن تي ڪرشما هوا ۽ روشنيءَ سبب آهن، پهاڙن جا چهرا، آڪار انداز ڪڏهن به هڪجهڙا نه هوندا آهن. سج جو اُڀرڻ، ٻڏڻ، انيڪ رنگ انيڪ درشيه خلقيندو آهي، اُنهن جا ويس وڳا به سوين. قدرت جي وشالتا، اسان جي سوچَ سمجهه ۾ نه ايندي.'

بي هڪ ڪويتا 'سٽي سنڊرم' ٽي-وي تي/ ڪن جانورن هٿان/ هڪ ڇوڪريءَ جي/ وحشانه ڍنگ سان/ رتو رت ٿيڻ (گئنگ ريپ) خبر ڏسي/ شينهڻي/ غصي ۾ پرجي ويئي/ ۽ تعجب ڪندي/ شينهن کان پڇيائين : 'اسان جي نسل ته / اَهڙي ڪونهي/ هي ڪهڙي نسل/ جا جانور آهن؟'/ شينهن/ ٻنا ڪجهه چوڻ جي/ چپ چاپ/ ڪنڌ هيٺ ڪري/ هليو ويو.

شينهڻ کي ڪهڙي جاڻ، انسان جي نسل، برهم گياني آهي، سَروَ - ڪلا سمرت، سپ راڄ راڄٽيون، ڪُڏايوون جاٽي، پر شينهن کي جاڻ آهي، ڪهڙو جواب ڏئي، شينهڻ پاڻ ئي ته ڪيس هرڪائيندي آهي، اِها ٻنهي جي ضرورت آهي. ضرورتون تباهيءَ ڏانهن به وينديون آهن.

هونءَ ڀلا ساهتيه جي هرڪنهن دؤر ۾ آڪاڙا چو آهن، پهلواني لفظن جا لنگوٽ ٻڌي، ناچ نچندي آهي. پنهنجي ليڪ کي وڏو ڪونه ڪندا، ٻئي جي ليڪ ڊاهيندا، ڪرتب ڏيکاريندا هلندا. نئين ڪويءَ جي ناليارِي ڪويءَ ته نارايڻ شيام جي موزون شاعريءَ تي ليڪا لينگها به پاتا، ڪنهن ورجايس ڪونه، ڦٻڇي ويو ته شاهه سائينءَ جي ڪلام تي ٻڙيون ۽ ٽبڪا ڏيڻ شروع ڪيا، سامهون ڦوٽاڙيل اکيون ڏسي چپ ٿي ويو. رچنا جو موهن ڪلپنا انڪ اڄ به نهٺو ڪجهه ٻڌائي ٿو. گناهه پنهنجا نشان ڇڏي ويندو آهي. آڪاڙن تڪليفون ڏنيون آهن.

ڪان ڪجھ پڇي تہ نٿو سگھجي، محسوس ڪري سگھجي ٿو. ڏاڍي سنويدنشيلتا آھي اُنھن ۾ سوچ جو ڇھاءُ، ايذاءَ، لڳاءَ ڪي اظھارينديون ھلنديون آھن. سنگتراشي تہ ڇڳو اڳتي ڇگو پري پري وڃي ٿي ھلي. ڪاجو راھوُ مندرن ڏي ٿا ھلون. سنگتراشيءَ ۾ ٻيون چارئي ڪلائون سمويل ڏسندا. ھرڪو پنھنجي اُڳھاڙپ جي سونھن ۽ واسنا جا اَنش آڪارَ نرمل ڀاونائن سان رلمل ٿيندا ڏسي ٿو، ماڻي ٿو، جيڪي آراڌنا، ساڌنا، ايڪاگرتا ايڪانت، آڌياتمڪتا جي وات ڏي وڃن ٿا.

مشاعري بازيءَ واري ڳالھہ بہ ڇڳي روچڪ آھي. منچ تي آھيو تہ منچ سان نياءُ ٿو بہ اُٿوَ. ھريش واسواڻي مشاعري بازيءَ ۾ سيني ڪان گوءُ ڪٽي ويندو ھو. ھوُ دوست پنھنجي نئين ڪويتا برزبان اَھڙيءَ طرح پڙھندو ھئو جو تاڙيون سندس ئي انتظار ڪنديون رھنديون ھيون، ڪويتا ۾ خاص ڪجھ بہ نہ پر پيش ڪرڻ جو ڏانءُ غضب جو. مشاعري بازي تہ ستيش روھڙا پاڻ بہ ڪندو آھي. پنھنجيءَ تقرير ۾ ڪا ڪٿا وارتا اَھڙيءَ طرح چئي ٻڌائيندو رِبجھائيندو ھلندو آھي جو ٻڌندڙ ماٺ ۾ اَچي ويندا آھن. اھو بہ ھڪ ھنر آھي. رام پنجواڻيءَ وٽ اھڙو ھنر ھئو، ڳالھائيندو ھلندو، شعر بہ ٻڌائيندو، ڳائيندو تہ نچي بہ ڏيکاريندو.

اَسانکي ڪٿ تہ موھن ھمٿاڻيءَ جي ڪوتا سنگرہ 'لائيف، چاڪليٽ - ڪوتا' جي ڪرڻي آھي. سنيون ڪويتائون آھن، ستيش جيڪي معنائون ۽ مطلب سمجھائي ٿو اُنھن سان ھرويرو سھمت چو ٿيون. اُھي ئي سنيون ڪويتائون ھونديون آھن، جن جون ڪھڙيون بہ، ڪيتريون بہ معنائون ڪڍي سگھجن، پر ھرويرو اوير ڇڏي اولھہ تہ نہ ھليو وڃجي. (پيج نمبر ۱۴۱) تي ڪويتا آھي. ھاڻي/ پھاڙ بہ / خوش نہ ٿا ٿين / شھرجي پيرن / ۽ پاڇن ڪان/ ڏجڻ لڳا آھن. ان ڪويتا جي ستيش ڪٿ ڪري ٿو : پھاڙ ان ڪري خوش آھن تہ ھو شھروارن جي پيرن ھينان لتاڙجڻ ڪان بچي ويا. پر Quote تہ ڪا ٻي ڪوتا ڪئي اُٿائين (صفحہ ۱۴۲) واري : سنو فال سبب/ مٽي (مٽي نہ اُڀَني لڪيل آھي)

توهان طرفان

پيگوان نردوش (اَحمدآباد)

رچنا جي ۱۴۴ انڪ ۾ سدا حيات شري لڇمڻ ڪومل جي سچاٽپ ڪوتا هڪ يادگار ڪويتا آهي، خاص ڪري آخر ۾ هي ڪجهه سٽون :

هن نئين جوڻ ۾ - منهنجي وجود جي ٿرماميٽر ۾
زندگيءَ جي هرگناهه ۽ ثواب جو پارو
ڦهلجي هيٺ مٿي لهي چڙهي رهيو آهي.
اَڄ مان پُٽ ورائي -/ مان انهن
بلند خواه بدڪار روپن کي ڏسي رهيو آهيان

ٻين ڪوتائن ۾ لڪشمڻ دبي جو غزل ۽ گوپ ڪمل خواه ڪيمن موٽلائيءَ جي غزل متاثر ڪيو آهي. هوڏانهن سنڌ جي شاعر امداد حسينيءَ جي ڪوتا 'يار لڇمڻ' به، سدا حيات شاعر کي امر بڻائڻ ۾ ڪا ڪسر ڪونه ٿي ڇڏي، خاص ڪري هي چند مصرائون دل جي تهخاني جي ٻُڙڪيءَ ۾، تنهنجو آواز اَچي ٿو مٿئي نظم لکان/ ڪوري ڪاڳر تي اُهو زخم لکان/ جو ڪڏهن ڪونه ڇٽو / جو لکائڻ سان ڪڏهن ڪونه لڪايو ٿيو توکان، مون کان! ...../ اَڄ ته ان سوُرکي سگهه ۾ ڇڏيون بدلائي/ اَڄ ته اُن ڏک کي ڏياتيءَ ۾ مٿائي ڇڏيون/ ۽ نئين نسل جي هٿ منجهه جهلائي ڇڏيون !

ڪهاڻين ۾ دراوڙ پراڻايم (ليکڪ : پيگوان اٽلاڻي) ۽ لهڻي جو خواب' (لکمي کلاڻي) ته وٺيون ئي پر ان سان گڏ شري ارجن حاسد جو گوپ ڪمل جي غزل سنگره تي لکيل تاثرات به اثرائتا لڳو. شري ستيش روهڙا جي ادبي ڪتابن جي 'ڪٽ' به حقيقتن جو انبار ڪٽي آئي آهي؛ خاص ڪري موهن همٿاڻيءَ جي ڪوتائن جي سنگره 'لائيف ڪوتا چاڪليٽ' خاص ڌيان ڇڪايو آهي. شري واشديو سنڌو پارتيءَ کي سموري ٻال ساهتيه ۾ يوگدان لاءِ سال 2014 جو 50000 روپين جو ٻال ساهتيه اوارڊ جي پڌرائيءَ جو شڀ سماچار ٻڌي، بيحد خوشي ٿي، سو به مرڪزي ساهتيه اڪادمي، دهليءَ پاران. جئپور جي هنڙي سدا بهار سنڌي ڀاشا جي ليکڪ استيج ۽ آڪاشوائي ڪلاڪار ڪارٽونسٽ ۽ سنڌيت جي شيدائيءَ کي هارڊڪ واڌيون ڏيندي بيحد خوشي ٿي رهي آهي ۽ بس !

گيتا بندراڻي (ممبئي)

رچنا جو ۱۴۴ انڪ ، جنهن جي ڪور پيج تي لڪشمڻ ڪومل جي سهڻي تصوير ڇپيل آهي، پهتو. ڏک وچان لِکٽو تو پوي ته هيءُ هڪ لڪشمڻ

جي غزل کو ٻوٽو نہ ٻاريو تہ نئين ڪويتا کھڙي سرھي ڪئي. نفي سُرَ سان شروع ٿي، ھڪ ھڪ لفظ ڏِڪارسان پربل. نئين ڪويتا جڏھن ڪويتا بڻي تہ منڙو شفي روُپ ڪيس راس اَچڻ لڳو. اڄ جي ڪويتا وري بہ ساراھہ لائق راھہ تي آھي. نوان نوان نوُجوان ڪوي، ڪويتا بہ سٺي ٿا لکن، غزل بہ سٺو پيو ٿو لکيو وڃي. ساھتڪار آھيو تہ ڪنھنجي بہ سندرتا ڪان وَنءُ نہ وڃو. ڪوي من وٽ واٽون ۽ پيچرا ڪئين، وشيہ بہ ڪيترا. رڳو اخبار جي ڪالم تي ھرڪجي نہ وڃو. تخليقي قوّت ۽ ڏسڻ واري نظر، سچ جو حواسُ آھي تہ ڪويتا پيئي درشن ڪرائيندي. موھن ھمٿاڻيءَ جون ڪويتائون چڱيون آھن، سٺيون بہ آھن. سائين روھڙا صاحب جي ڪَٿ بہ ساراھہ لھڻي ٿي. اِھو سٺو ڪالم آھي. باقي آڪاڙن گھڻو ڏکويو آھي. ستيش آخرير نصيحت بہ ڏني آھي، ھڪ سٺي ڳالھہ بہ چوي ٿو، ’ڏاڍيان ڳالھائڻ ڪويتا جو اھم گڻ نہ آھي.‘

Loudness ۽ Silence ڪي ڪي مَس ٿا سمجھن. فرق آھي بہ سنھڙو. شاعري شانت سان سمپن ٿيندي آھي. پر بازي ڏاڍُ ۽ ڏاڍا ماري ويندا آھن. 70% شاعري Loud ھوندي آھي، پسند ڪئي ويندي آھي. ھيءُ يگ بہ تہ دھلن دمامن ۽ نغارن جو آھي. يٽا راجا تٿا پرجا.

توھانجو سمپادڪيہ نوبيل پيس پرائيز ڪئلاش ستيارٿيءَ ۽ ملالا يوسفراء کي مليو آھي. ڪيڏي نہ سھڻي ساراھہ جوڳي ڳالھہ آھي، لائق ماڻھن جو قدر ٿيو آھي، پر اُن کي ايڏو پرچار جو اسم بڻايو ويو، جو شايد ان سبب ئي پشاور جي اسڪول جي ١٣٢ معصوم ٻارن پنھنجي شھادت ڏني. انعامَ ۽ پرچارَ وڏي ڳالھہ ڪري ٿا وڃھن.

68, Neel Kanth Society No.1
P.O. BHAT. Dist. Gandhinagar - 382428

Declaration Regarding Ownership & Other Details

for Sahit ain kala ji "Rachna"

FORM IV (Rule 8)

1. Place of Publication	:	**Indian Institute of Sindhology** Ward 4A, Near Santoshi Mata Mandir, Adipur - 370205
2. Periodicity of Publication	:	Quarterly
3. Name of Printer	:	Shri Lakhmi Khilani, Director,
& Publisher	:	Indian Institute of Sindhology
Nationality	:	Indian
Address	:	6, Maleer, Ward 4A/Plot 12 to 14 Adipur - 370205
4. Name of Editor	:	Shri Lakhmi Khilani
Nationality	:	Indian
Address	:	6, Maleer, Ward 4A/Plot 12 to 14 Adipur - 370205
5. Owner of the Publication	:	**Indian Institute of Sindhology** Adipur - (Kutch) 370205

I, Shri Lakhmi Khilani, declare that the details given above are true to the best of my knowledge and belief.

Dated : 01-03-2015

Sd/- **Lakhmi Khilani**
PUBLISHER

Visit our upgraded website: www.sindhology.org

Visit our upgraded website: www.RomanizedSindhi.org

Published and Printed by Lakhmi Ƙhilani Director, on behalf of Indian Institute of Sindhology Ward 4A, Near Santoshi Maa Mandir, Adipur (Kutch) - 370205. Printed at Shree Sainath Offset Commercial Art Printers, Plot No. 127, Sector 1A, Gandhidham - 370201, Editor : Lakhmi Khilani.

ڪومل شرڏانجلي پرچو آهي. اَجا سندس لکيل آتمڪٿا - ’وهي ڪاتي جا پنا‘ - جون قسطون پڙهڻ ۾ آنند اچڻ شروع ٿي ٿيو هو جو هيءُ همراهه راهه رباني وٺي هليو ويو.

هِن پرچي ۾ ’ديوان نرمل‘ مان چونڊيل غزل واقعي بهترين آهن. لڪشمڻ ڏُبي، ڪيمن موٽاڻي، گوپ ڪمل، پڳوان نردوش، جئرام ديپ، گوپ گولاڻيءَ جا غزل بہ وڻيا. هن پرچي ۾ واسديو نرمل جا ڏيڊڪ بہ دلڪش آهن. ڍولڻ راهيءَ جا تنها بہ دل کي ڇهن ٿا. البت هڪ تنها - ’هُجي لوهه يا سون جي پوءِ بہ تہ آ زنجير‘ جو خيال ’هائي هات‘ ۾ واسديو نرمل جي غزل جي هڪ شعر جو خيال هوبهو ساڳيو ٿو لڳي. اُهو شعر آهي - ’هجي سون جي چاهي فولاد جي اوءَ مگر پوءِ بہ زنجير، زنجير ئي آ‘ هن انڪ ۾ گوپ ڪمل جي مجموعي تي اَرجن حاسد جا تاثرات لاجواب آهن، نند جويري، اروڻ ٻاٻاڻيءَ جي ڪوتائن تي تبصرو بہ دِل و جان سان ڪيو آهي. موهن همٿاڻيءَ جي ڪوتائن جي ڪتاب ’لائيف - چاڪليٽ - ڪوتا‘ تي ڊاڪٽر ستيش روهڙا جي اوڪ ڊوڪ بلڪل تز ڪيل آهي.

اُميد تہ ايندڙ پرچن ۾ بہ تازو ڇپيل شعرن جي مجموعن تي ڪي تبصرا ڏيندر رهندا.

گووردن شرما ’گهايل‘ (پونو)

رچنا جو ١٤٢ (انڪ) اپريل - جون ٢٠١٤ وارو ٿورو دير سان مليو هوم. سدا حيات ثميره زرين جي جيون ۽ ادبي خدمتن بابت وچور سان سجايل هيءُ انڪ سانڍي رکڻ جهڙو آهي، جئن هنڪان اڳ وارا سڀ انڪ.

مهمان سمپادڪ طرفان لکيل ’گلن ۽ پوپٽن جي راڻي - ثميره زرين‘ واهه جو لکيو آهي ’مهراڻ جون ڇوليون‘ بابت سدا حيات غلام زبانيءَ ۽ ثميره جي وچ ۾ اُٿاريل ادبي واد وواد بابت هند ۾ شايد گهٽ کي ڄاڻ نہ هوندي.

هن پرچي ۾ مقبول عالمن اديبن جناب پروفيسر محمد ابراهيم جويو، مقبول شاعر حميد سنڌي، وليرام ولڀ، ماهتاب محبوب ۽ ٻين ثميره زرين جي ادبي خصلتن جو سُٺو ذڪر ڪيو آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين، جناب نصير مرزا، سداحيات سندري اُتمچنداڻي ۽ ٻين گهٽ ئي ثميره بابت لکيو آهي. سدا حيات ثميره زرين پنهنجين تحريرن ۾ سنڌ ۽ هند جي ادبي ڪارگذارين تي بنان رک رکاءُ جي قلم هلايو آهي. هندستان جي ڪيترن ئي ليکڪن ۽ ليکڪائن کي پنهنجي قلمي عقيدت سان پيش ڪيو آهي.

Many are the ways that lead to God, -
many roads, many religions.

That which leadeth to God, - whatever
be the road man takes, whatever
be the religion he follows, - is
the simple path of selfless to
fellow-men and creatures.

When self is forgotten and man
lives only to bring happiness
to others, he is very close to God.

Dada J.P. Vaswani

RAM & VEENA BUXANI FOUNDATION
DUBAI

اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي پيشڪش
نارايڻ شيام جي آڊيو سي. ڊي ۽ ۾ سپنا رائسنگهاڻيءَ جي ڳايل گيتن، غزلن جي فهرست

١. ڪي گيت موُن ايڪانت ۾ ڳايا آهن
1. Ke geeta mooṇ ekaant meṇ gaayaa aahin
٢. رات پُٺيان پربڀات، اي دل ماندي ٿين متان
2. Raat puthiyaaṇ pribhaat, E dil maandee theeṇ mataaṇ
٣. تنهنجو ناتو راڻا، مومل لاءِ سمجهاڻي
3. Tunhinjo naato raaṉaa, Moomal laai samjhaanee
٤. پنهنجي ڀر ۾ جاءِ پرين! ڏي پنهنجي ڀر ۾ جاءِ
4. Paṇhinje bhara meṇ jaai Preeṇ ! ḏe paṇhinje bhara meṇ jaai
٥. هيءَ دنيا جهڙي ڀي آهي
5. Heea duniyaa jahiree bhee aahe
٦. جيڏي پنهنجي سونهن لڪايئه
6. Jeḏee paṇhinjee sooṇhaṇ likaayai
٧. لُڇندي گهاريم ساري رات
7. Luchhaṇde ghaariyam saaree raat
٨. ڪهڙي دنيا مُٺيءَ جي ڳالهه ڪريون
8. Kahiree duniyaa mutheea jee gaalhi karyoon
٩. اِهي گَهريون گَهريون ڪاريون اکيون
9. Ihe gahiryooṇ gahiryooṇ kaaryooṇ akhiyooṇ
١٠. وقت ايندو جو ملڻ کان ئي پري هوندس مان
10. Waqtu eeṇdo jo milaṉa khaaṇ ee pare hooṇdus maaṇ

سي. ڊي. جي قيمت -/RS. 50

اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

INDIAN INSTITUTE OF SINDHOLOGY

(BHARATI SINDHU VIDYAPEETH - Registered Trust)

P.B. No. 10, Ward 4A, ADIPUR (Kutch) - 370205

Phone : (02836) 263851, 261569

Fax : (02836) 260336

e-mail : sindlogy@yahoo.com -contact@sindhology.org

visit www.sindhology.org

www . RomanizedSindhi.org

جُهمر خاص زالن جو ناچ آهي. فقط ڍولڪ يا ٿالهہ جي تال تي. تال وٺڻ واريون زالون ٿالهہ يا ڍولڪ بہ وڃائن تہ مٿي مٿي سُرَ ۾ لاڏو يا سهرو بہ چون. زالن جو ٻيو جُهنڊ پيرا ڪٽي ۽ ڦيريون پائي. سنڌ جي جُهمر سونهن، نزاڪت، سُرَ ۽ تال جو ميلاپ آهي.

رام پنجواڻي



سنڌي ڪهاڻي - هڪ صدي سيمينار

ساهتيه اڪاڊمي ۽ مهرشي ديانند سرسوتي ودياليه جي سهڪار سان


۱۳ ۽ ۱۴ فيبروري ۲۰۱۵ - اَجمير



شريمتي ريٽوڪا حسين جي ڪوتا سنگرهه 'جئسي' جو لوڪارپڻ ڪندي
ساڄي کان شريمتي ريٽوڪا حسين، پروفيسر ڪئلاش سوڍاڻي وائيس چانسلر
پروفيسر واسديو ڏيوناڻي، شڪشا منتري، شري لکمي کلاڻي ۽ پروفيسر لڪشمي ٺڪر



سيمينار جي موقعي تي سنڌالاجيءَ جو بوڪ اسٽال - لکمي کلاڻيءَ سان گڏ
پروفيسر نامديو تاراچنداڻي، شري کيمن مولاڻي ۽ ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي





Release of Narayan Shyam's CD by Sant Kamal Prakash
on 14th March 2015

Sahit ain Kala ji RACHNA Registered with Registrar of Newspapers for India Registration No. GUJSIN / 2006 / 16540